# اکر - پوُري

منـي ڪهاڻيون



هوندراج بلواڻي

ساهتيه سهڪار

١٧٢، مهارتي سوسائٽي، سردارنگر،
احمدآباد-٣٨٢٤٧٥

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# AKHAR-BHURI

By :

Hundraj Balwani

All rights reserved

First Edition : 2003

Price : Rs. 60/-

SAHITYA SAHAKAR
172, Maharathi Society,
Sardarnagar,
Ahmedabad-382475

Printed at:
Scan Computers
3, Radheshyam Appt., Patia,
Naroda, Ahmedabad.
Ph. : 2806776

This book is published with the partly assistance from
INDUSIND FOUNDATION, NEW DELHI

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# مهاڳ

خبر ئي ڪانه پيئي تہ ناول، ناٽڪ، مضمون، ڪهاڻي، ايڪانڪي، آتم ڪٿا، جيوني، سفرنامي، ريکا چٽر، رپوڙتاڙ وغيره صنفن جي پيڙ ۾ گپا گيهہ ۾ هيءَ ننڍڙي معصوم ٻالڪا، مِني ڪهاڻي، ڪئن، ڪيڏي مهل، ڪٿان ڳِسڪي اندر هلي آئي. ذات صفات جي ڪري تہ ڪٿا ساهتيہ ۾ شمار ڪرڻ، تسليم ٿيڻ جهڙي لڳي. قدوقامت جي ڪري اُن ۾ ناول پنهنجي رعبداريءَ ڪري اڳ ئي مؤجود هو. انگريزيءَ جي شارٽ اسٽوري بہ، نسبت ۾ ڪهاڻي ٻڻجي، ويهين صديءَ جي شروعات ۾ اچي ويئي ۽ اسان سنڌي رچناڪارن کي، خاص ڪري ورهاڱي کانپوءِ، تمام گهڻي راس اچي ويئي. پوءِ هيءَ اَچا بہ نندي، اَنگريزي صفت 'مِنيءَ' سان چپ چاپ اچي ئي ويئي آهي تہ پلي آئي جيءُ آئي؛ اسان جوُن اکيون ٺڏيون. البت سنڌي معنيٰ ۾ 'مِني' (نَڪ مني) ڪري ڪٽڻ جو اَحتياج، هروڀرو نہ ٿيڻ گ هرجي چو تہ هڪ ڪٿاتمڪ صنف جي روپ ۾، ڪيترين بہ نندي، توڙي چو نہ آهي، اُوءَ چهري نڪ-نقش کان، ڪافي سڊؤل، چست درست لڳي ٿي، يا لڳڻ کپي.

مبادا ڪنهن وقت، اخبارن، رسالن يا پتريڪائن ۾ ٻين رچنائن سان، بعضيٰ ٻچيل ڪنهن هڪ اڌ ڪالم، خالي جاءِ جي پوُرائي لاءِ ڪائي هڪ اَڌ چمتڪاري گهٽنا، مِني ڪهاڻيءَ جو ماخذ ٻڻي هجي. ڏنوسين ڪن ٻين ڀارتيہ ڀاشائن جي اهڙين اخبارن، پتريڪائن ۾ ائين سهڄ يا اسهڄ بدؤلت مني ڪهاڻي اچڻ لڳي آهي تہ اسان سنڌين جي پتڪڙين اخبارن يا ننڍن رسالن ۾ بہ آڻي ڇڏيسين. خير ڪجهہ بہ هجي، ٽوٽڪو، چٽڪلو يا چرچو (Joke) ٻڻائڻ کان اُن کي ٻچائيندي، مني ڪهاڻي نثر ۾ هڪ، اڌ زوردار، معنيٰ خيز، وقتي طنزيہ گهٽنا، ڪٿا ساهتيہ ۾، مني ڪهاڻيءَ جي ڪاميابيءَ جا ڪي اهم سوُتر مونکي پاسن ٿا.

سنڌيءَ ۾ هوندراج بلواڻيءَ کان سواءِ، جئن منهنجو اپياس مونکي ٻڌائي ٿو، گهنشيام ساگر ۽ جيوت جوت جوُن مِني ڪهاڻيون ڪافي ڌيان ڇڪائيندڙ لڳيون آهن. اِئين تہ ٻين بہ ڪيترن اُن تي قلم هلايو آهي. پر اِهو بہ چوڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي تہ اسان وٽ، ڪهاڻيءَ جيان، مِني ڪهاڻي، خودمختيار ڪٿا- صنف جي ڪا يادگار ڇاپ ڪانہ هڻي سگهي آهي. مان اِئين ڀانيان ٿو تہ اِن جو ڪارڻ، اُن جي مختصر گهاڙيٽي ۾ نہ، تخليقي نرواهہ ۾ آهي. سمپاونائون، ٻيءَ ڪنهن بہ اَدبي صنف جيان، مني ڪهاڻيءَ ۾ بہ آهن.

هوندراج بلواڻيءَ کي مان اُن وقت کان سڃاڻان، جڏهن ١٩٦١ ۾ راجڪوٽ کان، مؤن احمدآباد ۾ اچي ماستري شروع ڪئي ۽ سنڌي ساهتيہ سنگت ڪبيرنگر سان جڙيو هوس. هوندراج ڪهاڻيون لکي،

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

اُتي سنگت ۾ پڙهندو  هو. هاڻي تہ پختو ڪهاڻي نويس ليکجي ٿو. سندس، هيلتائين ڪُل اٺ ڪهاڻي سنگره شايع ٿي چڪا آهن. جن مان ’ڇتو ماڻهو‘، ’قيد ٿيل روشنيءَ جا ٽڪرا‘ ۽ ’گرم ماس جا سؤداگر‘ ڇڱا پسند ڪيا ويا.

وچ جي اِنهن ڇئن ڪن ڏهاڪن ۾ هوندراج پنهنجي گهڻ پاسائين رچنا شڪتيءَ جو پريچيہ ڏنو آهي.خاص طور جنهن جي سنڌيءَ ۾ اڃا بہ کوٽ محسوس ڪجي ٿي، ٻال ساهتيہ ۾ پنهنجو اهم درجو حاصل ڪيو آهي. ٻال ساهتيہ ۾ هُن اِنعام بہ حاصل ڪيا آهن. نہ رڳو سنڌيءَ ۾ بلڪ گجراتي ڀاشا ۾ انواد معرفت ڀاسڏو ٻال ساهتيہ ۾ هُن نالو ڪڍيو آهي. ٻال ساهتيہ ۾ هڪ رِسالو بہ ڪڍيائين ۽ اڄ بہ گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ طرفان، جنهن جو هن وقت هوُ چيئرمن آهي، هڪ ڪارگر ٻال ساهتيہ جو، باتصويري ٽماهي رسالو ’’باغ بهار‘‘ باقاعدي ايڊٽ ڪندو رهي ٿو. هُن جوُن ڪهاڻيون گجراتي، هندي، مراٺي، راجستاني، تيلگو وغيره ٻولين ۾ بہ ترجمو ٿيون آهن. سڀ ڪان مکيہ ڳالهہ، هوندراج بابت اِها چئي سگهجي ٿي تہ هُن گجراتي ڀاشا تي عبوُر حاصل ڪري، پنهنجين ڪهاڻين ۽ ٻال ساهتيہ ڪانسواءِ خود گجراتيءَ مان ڪي معياري ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري اسان جو ساهتيڪ سرمايو وڌايو آهي. اهڙو هڪڙو نهايت ئي بولڊ، نئين موضوع تي لکيل تجرباتي ناول گجراتيءَ مان- ’ميران ياگنڪ جي ڊائري‘ نالي سان، سڀڪ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، گهڻن ساهتيہ اڀياسين جوُن مبارڪون حاصل ڪيون آهن. هُن جي پنهنجين اصلوڪين ڪهاڻين جي سنگرهہ کي ’’ڇهرا وگر نا مانوي‘‘ تي گجراتيءَ  ۾ قومي اوارڊ حاصل ڪيو آهي.

فقط مني ڪهاڻيءَ جي صنف جي ئي ڳالهہ ڪجي تہ هِن سنگرهہ کان اڳہ هُن جو لکيل سنگرهہ ’’اِرد گرد‘‘ شايع ٿيل آهي. اِن کان سواءِ ’زندگيءَ جا عڪس‘ عنوان سان ڏار ڏار سنڌي ليکڪن جون مني ڪهاڻيون، سمپادت ڪيون اٿس. وري ’مني ڪهاڻيون‘ نالي سان سنڌيءَ ۾ ديش وديش جي ڪهاڻين  جو سنگرهہ  بہ روشنيءَ ۾ آندو اٿائين. هنديءَ جي ’وَشو لگهو ڪٿا ڪوش‘ گرنٿ ۾ هوندراج جي مني ڪهاڻين کي شامل ٿيڻ جو شرف بہ مليو آهي.

ظاهر آهي تہ هوندراج مني ڪهاڻيءَ کي، سنڌي ساهتيہ ۾، شايد ٻئي ڪنهن بہ ليکڪ کان وڌيڪ ڪافي گنڀيرتا سان ڪنيو آهي.

’اکر-ڀوُري‘ عنوان واري هن سنگرهہ ۾ هوندراج  جون انٺيهہ- مني ڪهاڻيون شامل آهن. الڳہ الڳہ موضوعن تي لکيل هي سڀ ڪهاڻيون ’مني ڪهاڻي‘ اِسم جي گهيري ۾ باقاعدا اچن ٿيون. اُنهن مان ڪيترين جئن موُن مٿي اِشارو ڪيو آهي، مني ڪهاڻيءَ جي وصف موجب، پڇاڙيءَ ۾ ڪنهن نہ

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ڪنهن چمتڪاري چرم سيمائن سان، چابڪ دستيءَ سان نباهيل آهن. مثال طور عنوان ڪهاڻي ’اکر-پوُري‘، ’پيڙ ۾‘، ’چهرو‘، ’رانگه نمبر‘، ’وئتال ڪٿا‘، ’ملي ويو‘ سڦل مني ڪهاڻيون آهن. بلواڻيءَ جي مني ڪهاڻين ۾ چهنبڙي پائيندڙ طنز، ڪٿي ڪٿي شڌ هاسيه، باز وقت گنڀير چوٽ نظر اچي ٿي.

ليڪن مني ڪهاڻي پنهنجي اِختصار ۾ هڪ هڪ لفظ، اُنهن جي جوڙجڪ ۽ پوءِ عروج تي پهچي، ڊماڪي بازيءَ ڪانسواءِ ڪنهن هڪ اِنڪشاف سان پوري ٿئي، اهڙي سرجناتمڪ پيوستگي (fusion Creative) طلبي ٿي. اها وري بہ بلواڻيءَ جي مني ڪهاڻين سميت، سنڌيءَ ۾ برثواب ٿيندي. مونکي اجا تہ نظر نہ آئي آهي.

ڪٿا ساهتيہ ۾، يورپي ڀاشائن اندر، ناول جهڙيءَ قداور صنف (اِهو قد هزارن صفحن تائين بہ ويو آهي) جي ڀير ۾ ڪهاڻي اڄ بہ، ادب جي تاريخ ۽ تنقيدي قدرن جي ماپي تي حاشئي تي رکي وڃي ٿي. تڏهن، ڪن مخصوص سببن ۽ سانسڪرتڪ گُهرجن بدؤلت، ڀارتيہ ٻولين ۾ جڏهن ڪهاڻي، اِن حاشئي مان نڪري، ناول سان گڏ مکيہ ڪٿا ڌارا ۾ (Main Stream) ۾ اچي ويئي آهي ۽ اسان قبولي ورتي آهي، تڏهن، ٻيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ سنڌي ساهتيہ ۾ - پڙهندڙن جي تيزيءَ سان گهٽجندڙ تعداد ۽ گهٽجندڙ وقت سبب، مني ڪهاڻي، ناول سان جيڪڏهن نہ تہ، گهٽ ۾ گهٽ ڪهاڻيءَ سان مکيہ ڌارا ۾ شامل ٿي سگهي، اهڙي رچناتمڪ چنتن ۽ سجاڳيءَ جي تقاضا ڪري رهي آهي ۽ مان ڀانيان ٿو اهڙيون اُميدون هوندراج بلواڻيءَ مان ڪندو رهڻ جا اسان وٽ قوي سبب آهن، مون وٽ تہ گهٽ ۾ گهٽ، اُهي آهن ئي آهن.

- هيرو شيوڪاڻي

آديپور

٢٠ آگسٽ ٢٠٠٣

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# ٻه اکر

سنڌيءَ ۾ جنهن کي ’مني ڪهاڻي‘ سڏيو وڃي ٿو، سا قد جي خيال کان ننڍڙي پر اڄ جي ادب جي هڪ ڄاتل سڃاتل صنف آهي. هندي ۽ گجراتيءَ ۾ اها ’لگهوُ ڪٿا‘ جي نالي سان مشهور آهي. انهن ٻن ٻولين ۾ اها جنهن رفتار سان جڳهه ناهيندي پيئي وڃي، سا رفتار سنڌيءَ ۾ نظر ڪانه ٿي اچي. سنڌيءَ ۾ مني ڪهاڻي اڃا ادبي مخزنن ۾، پنهنجو مقام ناهي نه سگهي آهي. اها فقط ڪن روزانين ۽ هفتيوار اخبارن ۾ پنهنجي حاضريءَ جو احساس ڪرائيندي رهي آهي. هر سال ڇپجندڙ هيترن سنڌي ڪتابن ۾ ٻه شايد ئي اها ڪٿي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. اسانجن آلوچڪن ۽ نقادن تائين ته اها اڃا تائين نه پهتي آهي.

لگهوُ ڪٿا کي سنڌيءَ ۾ مني ڪهاڻيءَ جي نالي سان قبول ڪيو ويو آهي. هڪ لفظ انگريزي ۽ هڪ لفظ سنڌي ڏاريندڙ انهيءَ صنف جو واسطو فقط ان جي ’مِني‘ قد سان نه آهي.

جئن ڪهاڻي، ناول جو ننڍو روپ نه آهي تيئن مني ڪهاڻي ٻه ڪهاڻيءَ (Short Story) جو ننڍو روپ نه آهي. اها هڪ الڳه ۽ آزاد صنف آهي. ناول تمام گهڻن ڪردارن ۽ ڪيترين گهٽنائن کي ڪٽي هلندڙ ۽ وشال ڪئنواس ڏاريندڙ صنف آهي. ڪهاڻي وري زندگيءَ ۾ ٿيندڙ ڪنهن مکيه واقعي يا ڪنهن ڪردار تي تفصيلوار روشني وجهي ٿي پر مني ڪهاڻي تمام ٿورن لفظن ذريعي جيون جي ڪن خاص پلن (Moments) محسوس ڪرائي ٿي ۽ پڙهندڙ کي سوچڻ جي حد تائين ڇڏي ڏئي ٿي. ناول، ڪهاڻي ۽ مني ڪهاڻيءَ جي وچ ۾ بنيادي فرق صرف ڊيگهه ۽ لنبائيءَ جو نه آهي پر سڀاءَ جو آهي.

ڪن ليکڪن کي اهو وهم آهي ته ننڍي قد واري ڪابه رچنا نثر ۾ لکڻ سان اها مني ڪهاڻي بڻجي وڃي ٿي. شايد انهيءَ ڪري ئي هنن مني ڪهاڻيءَ جي فقط قد کي ڌيان ۾ رکيو آهي. ان جي موضوع يا وشيه وستوءَ طرف هنن جو ڌيان خير ڪو ويو آهي. نتيجي طور ڪنهن ٻه مهاپرش جي جيون جو ڪو ننڍو واقعو يا سنتن ۽ مهاپرشن جي ٻڌايل ڪا ٻوڌ ڪٿا، ڪو پرسنگه، درشتانت يا نيتي ڪٿا ٻه مني ڪهاڻيءَ جي ليبل سان اچي ويندي آهي.

اڄ جي زندگيءَ سان مني ڪهاڻيءَ جي موضوعن جي وابستگي اهم ۽ ضروري آهي. جهوني ڳالهه کي نئين سندرڀ ۾ ٻه پيش ڪري سگهجي ٿي. اڄ جي راڄنيتي، پرشٽاچار، ڏيکاءُ، ٻي بندوبستگي، ٻي معنيٰ رشتا ناتا وغيره جهڙا موضوع مني ڪهاڻيءَ ۾ اثردار ٻوليءَ ۾ ۽ چوٽدار نموني اچڻ ضروري آهن.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

سنڌيءَ ۾ مني ڪهاڻيءَ جا اصلوڪا چاهي انواد ڪيل مجموعا ڪل ملائي ڏهن ڪان وڌيڪ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿا اچن. اصلوڪا تہ پنج ڪن مس هوندا. اهي انگہ پنهنجو پاڻ ۾ انهيءَ ڳالهہ ڪي پڌرو ڪن ٿا تہ مني ڪهاڻيءَ ڪي سنڌيءَ ۾ اهو اسٿان ڪونہ مليو آهي جيڪو ملڻ گهرجي.

مون هن ڪان اڳہ بہ مني ڪهاڻيون لکيون آهن. ڪيتريون ترجمو بہ ڪيون آهن انهيءَ سلسلي ۾ مني ڪهاڻين جو هيءُ مجموعو، جهڙو آهي ۽ جيئَن آهي، سنڌي پڙهندڙن اڳيان پيش آهي.

- هوندراج بلواڻي

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# اکر — يوُري

هن کان اڳ ڪڏهن به پاڻ کي ايڏو ٻڏتر ۾ نه محسوس ڪيو هو. زندگيءَ جا ويهه سال تيز هوائن جي جهونڪي جيان گذري ويا تنهن جي هن کي خبر ئي نه پيئي. راجيش ۽ راڪيش سان گڏ رهي هن ڪڏهن به پاڻ کي اڪيلي محسوس نه ڪيو هو. ٻنهي مان ڪنهن به هڪ جو ساٿ پائي هوءَ پاڻ کي خوشنصيب سمجهندي هئي. ٻنهي مان ڪنهن به هڪ کي هوءَ ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئي.

اڄ جڏهن ٻنهي مان ڪنهن هڪ کي پنهنجو جيون ساٿي بڻائڻ جو فيصلو ڪرڻ جو وقت اچي ويو هو، تڏهن ته هوءَ اچا به ياڪل ٿي ويئي هئي. ٻنهي مان ڪنهن کي اپنائي، ڪنهن کي ڇڏي-انهن خيالن ۾ هوءَ گهڻي دير کان نديءَ جي ڪناري ويٺي هئي. راجيش ۽ راڪيش به گم سم ٻئيا هن جي ٻنهي طرف ويٺا هئا. اهي ٻئي پنهنجي آئينده جي باري ۾ هن جو فيصلو ٻڌڻ لاءِ آتا هئا.

سج لهڻ لڳو هو. تڏهن اچانک هن پنهنجي پرس مان هڪ رپئي جو سڪو ڪڍيو ۽ هوا ۾ اُڇليندي دکي دل سان چيو، ”جي اکر آيو ته راجيش ۽ يوُري آئي ته راڪيش.“

زمين تي ڪريل سڪي ۾ يوُري ڏسي راجيش پڻ پڻ ڪئي، ”تون نصيبن وارو آهين دوست!“

ليڪن هوءَ نتيجو ڏسڻ بنا ئي ڪٽي پري وڃي سڏڪڻ لڳي هئي.

•

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# ڪيل

ڪنهن ماڻهوءَ ناليءَ تي پٿر رکي ڇڏيو هو، ان ڪري ڇئن پنجن پاڙيوارن جي وچ ۾ جهڳڙو شروع ٿي ويو هو. ڏسندي ڏسندي اها ڳالهه ’تون تون مان مان‘ کان وڌي ڪچين گارين تائين وڃي پهتي.

ان وقت نيٺا جهڙو هڪ شخص اُتان لانگهائو پئي ٿيو. پاڙيوارن کي ان طرح پاڻ ۾ وڙهندو ڏسي هوُ اڳيان آيو ۽ کانئن پڇيو، ”ڪهڙي ڳالهه آهي؟ توهان پاڻ ۾ وڙهو ڇو ٿا؟“

”وڙهون ڇو ٿا؟ اهو ته هن بي ايمان کان پڇو.“ هڪ ڄڻي غصي ۾ رڙ ڪئي.

”بي ايمان تون آهيان يا مان؟“ ٻئي وراڻيو.

”پنهنجي زبان کي لغام ڏي.“

”تون پنهنجي زبان کي لغان ڏي.

”مان ڏسي وٺندس توکي.“

”مان به ڏسي وٺندس توکي.

ائين ٻنهي جي وچ ۾ لفظي لڙائي هلندي رهي. تڏهن ٽئين ماڻهوءَ ڳالهه سمجهائيندي چيو.

”اڙي صاحب، ڳالهه مان ٿو ٻڌايانوَ. هن ناليءَ تي الائي ڪنهن هيڏو وڏو پٿر رکي ڇڏيو آهي. اهو ئي هن جهڳڙي جي جڙ آهي.“

”هن پٿر جي ڪارڻ گندي پاڻيءَ جو نيڪال بند ٿي ويو آهي. هينئر سڀ ٿا چون ته پٿر هنن نه رکيو آهي.“ چوٿين چيو.

”اَڇا! ته اها ڳالهه آهي توهان به ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهيو. هڪ ننڍڙي ڳالهه تي پيا ٿا پاڻ ۾ وڙهو.“ نيٺا جهڙي ان شخص چيو. پوءِ هن لڙائي-جهڳڙي مان ٿيندڙ نقصانن بابت پاڙيوارن اڳيان ڀ ٿي منٽ ننڍڙو ڀاشڻ ڏنو. سڀ هن جي ڳالهه کي ڌيان سان ٻڌڻ لڳا. ان بعد ان شخص ناليءَ ۾ پيل پٿر کي اُتان هٽائي ڇڏيو. پٿر هٽڻ سان جهڳڙو ختم ٿي ويو. پاڙي جا ماڻهو پنهنجي پنهنجي گهر هليا ويا. تڏهن اهو شخص اڳيان وڌيو. هن جي چهري تي آتم سنتوش جي مسڪراهٽ نمودار هئي. هن جو ڪيل ڪامياب وڃي رهيو هو.

اڳيان وڌي ان شخص هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ۽ هڪ وڏو پٿر کڻي چپ چاپ ٻيءَ ناليءَ تي رکي ڇڏيو.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# پيڙ ۾

هلو هلو! هتان هلو!

ڳاڏيءَ ۾ چڱي پيڙ هئي پر ايتري نہ جو ويهڻ جي جڳهہ نہ ملي. سيني کي لڳہ ڀڳہ ويهڻ جي جڳهہ ملي ويئي هئي.

ڳاڏي چرڻ لڳي تہ هڪ مسافر رڙ ڪئي، ”ڀائي! ڏٻي جو دروازو بند ڪري ڇڏيو. ٻيءَ اسٽيشن تان ٻيا مسافر چڙهندا تہ اسان کي سوڙهہ ۾ ويهڻو پوندو.“

دروازي جي پرسان واري سيٽ تي ويٺل مسافر دروازو بند ڪري ڇڏيو. سيني سک جو ساهہ کنيو. ”هينئر آرام سان ويهي سگهنداسين.“

ٻيءَ اسٽيشن تي ڳاڏي بيني تہ انهيءَ اسٽيشن تي بيٺل ڪن مسافرن انهيءَ ڏٻي جي مسافرن کي دروازو کولڻ لاءِ وينتي ڪئي.

ڏٻي ۾ آرام سان ويٺل مسافرن هڪ ئي وقت رڙ ڪئي، ”هلو هلو، هتان هلو! هن ڏٻي ۾ بلڪل جڳهہ ڪانهي. ٻيو ڳاڏو خالي اٿوَ.“

ڪي مسافر اڳيان وڌي ويا پر هڪ مسافر پڻ پڻ ڪندو ڪنهن طرح دريءَ مان ٽپي اندر اچڻ ۾ ڪامياب ويو. هن اندر ويٺل مسافرن کي اکيون ڏيکاريندي چيو، ”شرم نہ ٿو اچيوَ. هيڏي جڳهہ پيئي آهي تڏهن بہ چئو ٿا تہ جڳهہ ڪانهي.“ ۽ پوءِ هوُ دروازو بند ڪري ٽانئيڪو ٿي وينو.

ٽينءَ اسٽيشن تي ڳاڏي بيني تہ اُتي ڪن مسافرن ڏٻي جو در کولڻ لاءِ اندر وارن مسافرن کي وينتي ڪئي. ان وقت ٻينءَ اسٽيشن تان دريءَ مان ٽپي، ٽانئيڪي ٿي ويٺل مسافر هڪل ڪئي، ”هلو هلو! هتان هلو! ڏسو نہ ٿا تہ هتي ٿوري بہ جڳهہ ڪانهي. ٻئي ڏٻي ۾ وڃو. اهو خالي اٿوَ.“ ۽ پوءِ هوُ سولو ٿي آرام سان ويهي رهيو. ●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# ڪوڏي حرام

بس جي مسافرن مان هڪ مسافر ايندڙ اسٽاپ تي لهڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. اسٽاپ تي لهڻ کان اڳ هن ڪنڊڪٽر جي هٿ ۾ پنجن رپين جو نوٽ ڏنو.

”توهان اَجا ٽڪيٽ نہ ورتي آهي؟ مان ٻہ دفعا تہ توهان طرف آيو هوس.“ ڪنڊڪٽر ذرا شوخ ٿيندي مسافر کي چيو، ”گهٽي واري ٽڪيٽ ڦاڙيان؟“

”ٽڪيٽ ڦاڙڻ جي ضرورت نہ آهي.“ ان مسافر چيو، ”اهي پنج رپيا پاڻ وٽ رک.“

پر ڪنڊڪٽر هن جي ڳالهہ ڏانهن ڌيان نہ ڏنو ۽ ٽڪيٽ ڦاڙي سندس هٿ ۾ رکندي چيو، ”مسٽر، مون کي بي ايماني نہ سيکاريو.“

اڳيان هڪ اسٽاپ آيو ۽ بس بيهڻ تي هئي تہ ٻيو هڪ مسافر تکڙو تکڙو ڪنڊڪٽر وٽ آيو. ڪيس اُتي لهڻو هو. لهندي لهندي هن ڪنڊڪٽر جي ترِيءَ تي ڏهين جو نوٽ رکيو ۽ ”تن ڏينهن جو حساب پورو“ چوندي تکڙو بس مان لهي ويو.

•

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# وچ ڪٽو

هڪ شاهوڪار جي نوجوان پٽ شراب جي نشي ۾ ڪار هلائي هڪ ئي وقت ٻن ٽن هنڌ ائڪسيڊنٽ ڪري وڌا. سڀ کان پهرين هن رستي جي پاسي کان بيٺل ڪار جو ڪچومبر ڪڍي ڇڏيو. ان بعد سائيڪل چيپي ڇڏيائين. پوءِ اها ڪار ٻن ڪانن تي چڙهي ويئي جن جا شيشي جا شوڪيس پڇي گهٽو نقصان ڪري وڌائين ۽ ڪار اڳتي وڌي ويئي. ماڻهو ڪنا تي ويا.

عين وقت تي شهر جو سماج شيوڪ ڊوڙندو آيو. اچڻ سان ئي هن رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون. هيڏو قهر ڪري وڌو آهي ان شرابي ۽؟ ڪيس ڇڏبو اصل ڪونه.'' هن پوءِ ماڻهو موڪلي نوجوان جي پيءُ کي واردات تي گهرايو. شاهوڪار کي ايندو ڏسي سماج شيوڪ دڪاندار کي زور زور سان چوڻ شروع ڪيو، ''توهان متان ائين سمجهو ته هن شرابي ۽ کي ڇڏي ڏبو. مان اجهو ٿو ڪيس حوالات ۾ پهچايان. هي شاهوڪار پاڻ کي سمجهن ڇا ٿا؟''

شاهوڪار اچڻ سان وينتي ڪئي، ''قصي کي پوليس ۾ وڃڻ کان سواءِ ئي لئہ مٽ ڪري ڇڏجي تہ وڏيڪ سٺو. مان نقصان پوري ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.''

سماج سڌارڪ چيو، ''مان اڄ شام جو توهان جي بنگلي تي ايندس.'' دڪاندار کي چيائين، ''توهان چنتا نہ ڪجو. مان هن شاهوڪار جي پٽ کي ڏسي وٺندس. مان سڀاڻي توهان وٽ ايندس.''

شام جو هُو شاهوڪار جي بنگلي تي ويو. ڪيس طرح طرح جا ڊپ ڏياري ڪانئس پورا ڏهہ هزار ورتائين ۽ شراب ڪباب جا جاوا ڪري اچي آرام سان گهر ليٽيو.

ٻئي ڏينهن تي ٻن دڪاندارن ۽ سائيڪل واري ۾ ٻہ ٽي هزار ورهائي کين چيائين، ''نوجوان جي شاهوڪار پيءُ جي پهچ تمام گهڻي آهي ان ڪري هٿ ئي نہ ٿي آيو. اهي ٻہ ٽي هزار ڇڏائي سگهيو آهيان. چپ چاپ رکي ڇڏيو. شڪر ڪريو جو اهي بہ مليا اٿوَ.''

ائين چئي هُو هلندو رهيو اڳيان وڌي هن پنهنجن کيسن ۾ رکيل باقي رقم جي خاطري ڪندي چيو، ''اڄ جو ڏينهن نيڪ رهيو.'' ●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# وقت وقت آهي!

اٽڪل ڏهن سالن کان پوءِ هوُ اچانڪ بس ۾ مليو.

”ڪيئن آهين؟“ مون پڇيو.

”بس مڙيوئي نيڪ آهيان.“ هن ٽتل ٽتل جواب ڏنو.

ڪيترن سالن تائين هوُ منهنجي ڪلا جو اُپاسڪ ۽ چاهڪ ٿي رهيو هو. بعد ۾ هن سان دوستي ٿي ويئي هئي. تن ڏينهن ۾ مان آرٿڪ مجبورين مان گذري رهيو هو ۽ هوُ آرٿڪ لحاظ کان چڱو سکي هو. مان ڪڏهن ڪڏهن هن کان قرض وٺندو هوس ۽ پوري ايمانداريءَ سان واپس به ڪندو هوس. هڪ دفعي قرض جي روپ ۾ هن کان ورتل نِنڍڙي رقم مان گهٽي وقت تائين نه ڏيئي سگهيس ته مان هن جي ڪاوڙ جو ڪارڻ بڻيو هوس. هن وچ بزار ۾ منهنجي بي عزتي ڪئي هئي. مون ڪنهن طرح ڪيس قرض واپس ته ڪيو هو پر ان بعد مون هن سان ناتو ٽوڙي ڇڏيو هو. وري ڪڏهن هڪ ٻئي جو منهن ڪونه ڏٺو هئوسين.

اڄ لنبي عرصي بعد هوُ ائين اچانڪ بس ۾ مليو. هن منهنجي ڪيڪار جو رُکو جواب ڏنو. ڪانئس پڇيم، ”ڪافي سالن کان پوءِ مليو آهين. ٻئي ڪنهن شهر ۾ رهندو آهين ڇا؟“

هن جي چپن مان لفظ ئي نه ٿي اُڪليا. هن ٿڌو ساهه کڻي چيو، ”ها، مان هتي نه رهندو آهيان. هتان وئي ڇهه ست سال ٿي ويا آهن. توکي خبر ڪانهي؟“

”نه.... مون کي خبر ڪانهي. مون ته سمجهيو هو، تون اَڃا تائين هن شهر ۾ رهندو هوندين.“

ٿورو رڪجي مون پڇيو، ”هتي چڱو خاصو بزنيس هوءِ، سٺو ڪمائيندو هئين؛ پوءِ شهر ڇو ڇڏي وئين؟“

”سڀ قسمت جو چڪر آهي. مان غلط رستي تي هليو ويو هوس. نقصان پوڻ لڳو. سڀ ڪجهه وڪڻي ٻئي شهر هليو ويس پر اُتي به نصيب اَڃا ساٿ نه تو ڏئي.“

مون هن تي سرسري نظر اُڇلي. هن جو چهرو، اَڻيا وار، پوشاڪ وغيره سندس غريبيءَ جو احساس ڪرائي رهيا هئا.

منهنجو بس اِسٽاپ اچڻ تي هو. لهڻ جي تياري ڪرڻ لڳس تڏهن هن چيو، ”اَڳي هڪ ننڍي رقم نه چڪائڻ عيوض مون تنهنجي بيعزتي ڪئي هئي. اڄ محسوس ٿي رهيو آهي ته ناڻي جي تنگي ڪڏهن ڪيئن نه ڏنگه هڻندي آهي.“

هن جي ڳالهه پوري ٿيندي ٿيندي مان پنهنجي اِسٽاپ تي لهي چڪو هوس.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# تلسيداس

هن جو نالو تلسيداس هو.

ائين ته هن کي پنهنجي پتنيءَ رتنا سان بيحد پيار هو پر هن پنهنجي پيار کي پنهنجي پتنيءَ تائين محدود رکڻ نٿي چاهيو. ان کري رتنا سان گڏوگڏ هوُ پنهنجي گهر جي سامهون رهندڙ پدما کي به پيار کري وٺندو هو. هر پتنيءَ جيان رتنا کي به اهو سڀ ڪجهه پسند نه هو. هن گهڻيئي دفعا تلسيداس کي چنڊ به ڪڍي هئي ته هوُ اهي عشق ۽شق جا چکر ڇڏي ڏئي پر تلسيداس تي ڪوبه اثر نه ٿيو.

هڪ ڏينهن تلسيداس جڏهن آفيس مان گهر آيو ته ڏسي ته رتنا ندارد! پهرين ته تلسيداس کي لڳو ته رتنا اوڙي پاڙي ۾ ڪنهن وٽ ويئي هوندي پر گهڻي دير تائين هوءَ واپس نه آئي ته هن کي لڳو ته پڪ ئي پڪ پيڪي هلي ويئي هوندي.

”هون! ويئي ته جان ڇٽي.“ هن پڻ پڻ ڪئي، پر خيال آيس ته متان هوءَ سندس ڪني ڪيل موڙي پاڻ سان نه کڻي ويئي هجي. خيال ايندي ئي هن يڪدم ڪٻاٽ کولي ڏٺو ته اندر ڪاريءَ وارا ڪڪر! رتنا نه صرف پئسا پر ان سان گڏ زيور، ڪپڙا ۽ ٻيون قيمتي شيون به کڻي ويئي هئي.

”مان هن نيچ عورت کي اهڙو ته مزو چکائيندس جو عمر ڀر ياد کندي.“ ائين چئي هوُ بنا ڪنهن دير جي پهرين گاڏي پڪڙي رتنا جي پيڪي گهر روانو ٿيڻ لاءِ گهران نڪتو. واٽ تي هڪ دوست مليس، جنهن سماچار ڏنس، ”دوست! ٻڌو اٿم ته رتنا صبح جو تنهنجي پاڙيسري رهندس پريتمداس سان ڀڄي ويئي آهي.“

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# اهو ماڻهو

ڪيترن سالن کان هوُ ان ماڻهوءَ کي ڏسي رهيو هو. ان ماڻهوءَ جي شڪل اهڙي تہ خوبصورت هئي جو هوُ ان کي ڏسندو ئي رهڻ چاهيندو هو. پر اهو ماڻهو هرروز هڪ جهلڪ ڏيکاري غائب ٿي ويندو هو. هن کي خبر نہ هئي تہ اهو ماڻهو آخر آهي ڪير؟ سندس سچاٽپ کهڙي آهي؟ اهو ڪيس ايترو خوبصورت ڇو ٿو لڳي؟''

هن ان ماڻهوءَ جي سچاٽپ هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪيس اها ملي ويئي. هن کي ڌڪو رسيو جڏهن هن ٻڌو تہ ان ماڻهوءَ جي شڪل جيتري وڻندڙ هئي، اوترا سندس ڪم وڻندڙ نہ هئا. ان ماڻهوءَ گهڻن سان دوکيبازي ڪئي هئي. سوارٿ لاءِ ٻين جو حق کسيو هو. رشوت ڏيئي پنهنجا ڪم ڪرايا هئا. اهڙا گهٽائي ڪوتا ڪم ان ماڻهوءَ ڪيا هئا.

ان ماڻهوءَ جي باري ۾ اهي سڀ ڳالهيون ڄاڻي هوُ سوچڻ لڳو، 'هن يڳ جا ملهہ ڪيترا بدلجي چڪا آهن، اِنسان پنهنجي مطلب ۽ سوارٿ لاءِ ڇا ڇا نہ ٿو ڪري....'

هڪ ڏينهن اهو ماڻهو سندس ئي پر مان لنگهي رهيو هو. هن وجهہ وٺي ان ماڻهوءَ جو هٿ پڪڙيو.

''منهنجو هٿ ڇڏ. ڪير آهين تون؟'' ان ماڻهوءَ ڪهرائيءَ سان پڇيو.

''مان ڪوئي بہ هجان. تنهن سان تنهنجو ڪو مطلب نہ آهي.''

''عجيب ماڻهو آهين! منهنجو هٿ ڇو پڪڙيو اٿيئي؟''

''ڪيترو خوبصورت چهرو ڪٽي پيو گهمين، جيڪڏهن ڪم بہ اهڙا ڪرين تہ؟''

اهو ماڻهو پريشان. ڪيس سمجهہ ۾ نہ آيو تہ هوُ ڇا چوي.

''اڙي ڀونگي! پنهنجو نقلي چهرو لاهي اصلي چهرو ڇو نہ ٿو ڏيکارين؟''

هن جي ڳالهہ ٻڌي ان ماڻهوءَ زور زور سان ٿهڪ ڏيڻ شروع ڪيا. جڏهن ٿهڪ ڏيئي ٿڪو تڏهن هن ڌيرج سان چيو، ''دوست! ڀونگي مان نہ، تون آهين. تون، ها تون.... اَڃا نہ سمجهيئہ؟ اڙي! مان تنهنجو ئي تہ عڪس آهيان.''

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# روز

روز صبح جو رميلا اُٿندي آهي. صبح جو سوير ئي مني ننڊ کي تلانجلي ڏيندي آهي. ڪيت ۾ مزوريءَ لاءِ پهچي وڃڻ ۽ سارو ڏينهن اُسن ۾ سڙي لڳاتار ڪم ڪرڻ رميلا جو روز جو نيم آهي. رميلا ڪمائيندي آهي. هن جو مڙس گٽيش وڃائيندو آهي. دارون پي روز گوڙ ڪرڻ هن جي عادت بڻجي ويئي آهي. اڄ به رميلا اُٿي آهي. جهٽ پٽ تيار ٿي هوءَ گهران نڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي تڏهن گٽيش سامهون –

”مون کي پيسا کپن.“

”دارونءَ لاءِ مون وٽ پيسا ڪونهن.“

”ڏين ٿي يا؟“

”مان نه ڏيندس.“

”چوان ٿو پيسا ڏي، نه ته....“

”نه ته ڇا ڪندين؟“

”ڏيکاريانءِ؟“

هڪ زوردار چماٽ. رميلا جو ڳل ٻاڙهو ٿي ويو آهي.

”انهيءَ دارونءَ تنهنجا اهڙا حال ڪيا آهن.... اِنسان مان جانور بڻجي ويو آهين.... هڪ ته ٽڪو به ڪونه ڪمائين، مٿان وري زال مٿان هٿ هلائين....“ رميلا روئي رهي آهي پر گٽيش تي ڪو اثر ڪونهي.

”بڪ بند ڪر.“ گٽيش ڪاوڙ ۾ آهي. هوُ رميلا طرف وڌي ٿو. رميلا دانهون ڪري ٿي. هن جون دانهون ٻڌڻ وارو ڪوئي نه آهي. گٽيش هڪ ٻي چماٽ هڻي رميلا جي ور ۾ لڪل نوٽ زوريءَ ڪڍي گهر کان ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

شام ٿي آهي. رميلا موٽي آئي آهي. هن جو سڄو شرير چوُر چوُر ٿي رهيو آهي. هوءَ ڪٽ تي سمهڻ چاهي ٿي پر گهر جا ڪم هن کي ائين ڪرڻ نٿا ڏين.

رات. - گٽيش ٿڙندو ٿاٻڙجندو گهر موٽيو آهي. اچڻ سان ئي رڙ ڪري ٿو، ”مون کي جهٽ روٽي ڏي.“

رميلا ٿالهي ڪٽي اچڻ ۾ ٿوري دير لڳائي ٿي. گٽيش جي رڙ. ”نڪمي.... بي شرم! ايتري دير؟“ ائين چئي هوُ رميلا کي مارڻ لڳي ٿو. رميلا رڙيون ڪري ٿي پر سندس دانهون ٻڌڻ وارو ڪوئي نه آهي.

رميلا اِئين روز به دفعا مار کائيندي آهي.

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# چهرو

هڪ سرڪاري سنستا ۾ وقت بہ وقت جدا جدا وشين جي ماهرن جا ليڪچر رکيا ويندا هئا. هڪ دفعي پرسان واري شهر جي هڪ ودوان کي ليڪچر لاءِ گهرايو ويو. ودوان کي اسٽيج تي وهاري، ڦول مالهائن سان سندس سواگت ڪيو ويو.

ان وقت انائونسر اعلان ڪيو، ”پيارا ڀائرو ۽ ڀينرو، اڄ هن سڀا ۾ اسان جي معزز مهمان ۽ ڄاتل سڃاتل ودوان کي خاص نينڊ ڏيئي گهرايو آهي. هينئر اسين ڪيس ٻڌنداسين. توهان کي ٻڌايان تہ هن ودوان جي آدرشوادي تقريرن اسان جي سماج تي گهرو اثر ڪيو آهي. هن صاحب جو اُٿڻ-وهڻ، هن جا اعليٰ ويچار اسان لاءِ هڪ روشن منار سمان آهن. اڄ جو وشيہ آهي ’اسان جو چرتر‘ هينئر ان وشيہ تي هيءُ صاحب پنهنجا عالماڻا ويچار پيش ڪندو.“

ودوان اُٿيو. ڪنگهڪار ڪري هن پنهنجو گلو صاف ڪيو ۽ پوءِ ليڪچر شروع ڪيو. وشيہ جي تهہ ۾ وڃي هن، مثالن سميت اهڙيون اهڙيون ڳالهيون ٻڌايون جو ٻڌندڙن جون اکيون کلي ويون.

ائين اڌ ڪلاڪ کن ودوان جو ليڪچر هليو. پوءِ چانهہ پاڻيءَ جو دؤر هليو.

سنستا جي مکيہ بانيڪار اڪائونٽس ڪلارڪ کي چيو، ”ودوان صاحب کي پيمينٽ ڪريو.“

ڪلارڪ ودوان کي عرض ڪيو، ”سر، ان لاءِ هڪ فارم ڀرڻو پوندو. ذرا منهنجي ڪئبن ۾ هلو تہ فارم ڀريون.“

ودوار ڪلارڪ سان گڏ آيو.

ڪلارڪ چيو، ”سر، هيءُ ياڙي پتي جو فارم آهي. فارم مان ٿو

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

پريان. توهان تفصيل لکائيندا وڃو. پهرين ٻڌايو تہ توهان پنهنجي گهر کان هيستائين ڪيتري مسافري ڪئي؟''

”ڇٽيهہ ڪلوميٽر.''

”ٽرين ۾ آيا يا بس ۾؟ يا ڪار ۾؟''

ودوان چيو، ”ڪار ۾.''

”پنهنجي ڪار يا ڀاڙي جي؟''

”پنهنجي.''

”ڊيزل جي يا پيٽرول جي؟''

اتي ودوان چڙ ڪ پريو. ”ڇا مطلب؟''

”سر، اهو ٻڌايو تہ توهان جي ڪار ڊيزل تي هلندڙ آهي يا پيٽرول تي؟''

”ڪار تہ ڊيزل واري آهي پر تون اهو سڀ ڇو ٿو پڇين؟''

”اهو ان ڪري جو ان مطابق توهان کي ڀاڙو ملندو.''

”ڊيزل جي ۽ پيٽرول جي ڪار جو ڀاڙو الڳہ الڳہ آهي ڇا؟''

”ها سر جيڪڏهن توهان پيٽرول جي ڪار ۾ آيا هوندا تہ توهان کي في ڪلوميٽر پنج رپيا ڏيئي سگهبا.''

”۽ جي ڊيزل جي ڪار ۾ آيو هجان تہ؟''

”تہ پوءِ فقط ٻہ رپيا في ڪلوميٽر ڏيئي سگهبا.''

”يعني هڪ ڪلوميٽر تي ٽي رپيا گهٽ؟''

ها سر.''

”اَڇا؟ تہ پوءِ هيئن ڪر. پيٽرول جي ڪار ئي لکي ڇڏ. ڪير ٿو ڏسي؟''

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# قدردان

ڪاٺ جون سندر ڪلاتمڪ مورتيون ڏسي هوُ اچانڪ بيهجي ويو. گهڙڻ واري انهن مورتين ۾ غضب جي ڪلا ڪاريگري پيري هئي. رستي تان ايندڙ ويندڙ ماڻهن جو انهن مورتين ڏانهن ڪن پير لاءِ ڌيان ضرور ڇڪجي ويو پئي پر ڪنهن کي بہ فرصت نہ هئي جو هوُ انهن کي پرسان اچي ڏسي يا خريد ڪري.

هوُ مورتين جي پرسان آيو. گهڙي پر لاءِ هن انهن جو جائزو ورتو. بعد ۾ هن جي اکين، ان ماڻهوءَ کي ڏسڻ چاهيو، جنهن اهڙيون ڪلاتمڪ مورتيون ٺاهيون هيون. هن ڏٺو تہ اهو ماڻهو اپنگہ هو. سخت تپت ۾ ويهي هوُ ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي آشائن ڀري نظر سان ڏسي رهيو هو. هن جو سڄو سرير پسيني سان تر هو. سندس چهري تي اُداسي ۽ بيوسي نمودار هئي.

هن کي لڳو تہ اڄ هن ڪلاڪار جو انٽرويو وٺي اخبار کي موڪلڻ گهرجي. اهو سوچي هوُ مورتيڪار جي پرسان آيو. ساڻس ڳالهيون ڪرڻ لڳو. مورتيڪار جي ڪشٽن ۽ ڪشالن کي هوُ پنهنجي ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪندو ويو.

بعد ۾ مورتيڪار تي هن سندر عبارت ۾ هڪ ليکہ تيار ڪري اخبار کي موڪليو. اخبار ۾ اهو ليکہ ڇپيو. اُجوري طور کيس بہ سؤ رپيا بہ مليا.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اچانڪ انهيءَ رستي تان لنگهندي کيس اپنگہ مورتيڪار جي ياد آئي. ڏٺائين تہ اهو مورتيڪار اڄ بہ ساڳئي هنڌ ويٺل هو. هوُ سندس پرسان آيو. کيس اخبار ۾ ڇپيل سندس انٽرويو ڏيکاريندي چيائين، ”متان سمجهين تہ منهنجا قدردان نہ آهن. هن اخبار ۾ ڇپيل تنهنجو اِنٽرويو پڙهي سڀ تنهنجي ساراهہ ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندا. تنهنجو هرهنڌ ناماچار ٿيندو. تنهنجن ڏکن جا ڏينهن جلد پورا ٿيندا.“

مورتيڪار هن جون ڳالهيون ٻڌندو رهيو. خبر ناهي کيس اهي سمجهہ ۾ آيون بہ ٿي يا نہ. سندس مايوس چهري ۾ ڪو ڦيرو نہ آيو.

اخبار کي ويڙهي سيڙهي ٻئگہ ۾ وجهندي هن وڏيڪ چيو، ”هيءَ هڪ مورتي مان پنهنجي گهر کڻي ٿو وڃان. تنهنجي طرفان ڀيٽ سمجهي سنڀالي رکندس. ڏس دوست، تنهنجي ڪلا جي قدر جي شروعات مان ئي ٿو ڪريان.“

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# اُڏام

هڪ اوچائيءَ واري عمارت تان شهر جو نظارو ڏسڻ لاءِ ٻه دوست مٿي چڙهيا. عمارت جي سڀ کان اوچائيءَ واري هنڌ تي پهچي هنن هيٺ نهاريو.

مار! روڊ ننڍا! گهٽيون ننڍيون. جڳهيون ننڍيون. موٽرون ۽ گاڏيون ننڍيون!

اچانڪ ماڻهن تي نظر پوندي ئي هڪ دوست کان ٽهڪ نڪري ويو. چوڻ لڳو، ”هيٺ ماڻهو ته ڏس ڪيڏا نه ننڍڙا ٿا ڏسڻ ۾ اچن. مان انهن جي ڀيٽ ۾ ڪيڏو وڏو آهيان. مان ته آسمان ۾ بيٺو آهيان.“

ائين چئي اَجا به زور زور سان کلڻ لڳو. ”سڀ مون کان ننڍا ماڻهو! ها.... ها.... هي.... هي.... سڀ مون کان ننڍا ماڻهو!“

ٻيو دوست ڦرين ته هن ڏانهن عجب وچان نهاريندو رهيو. پوءِ کيس چيائين، ”يار، ايڏو نه کل. جيڪو ماڻهو اوچائيءَ تي بيٺو هوندو آهي تنهن کي هيٺيان ماڻهو تمام ننڍڙا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پر حقيقت ۾ هيٺ وارن ماڻهن جي لاءِ ته تون ئي ننڍڙو ماڻهو آهين.“

•

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# سوڙهه

جڳتراءِ رٽاير ڪيو تہ ڪيس چڱا پيسا مليا. گهر جي سيني ڀاتين راءِ ڏني، ”مسواڙ جي جاءِ ۾ عمر گذري آهي. انهن پئسن مان هڪ مڪان وٺجي.“

سيني ڀاتين جي راءِ مطابق جڳتراءِ هڪ مڪان خريد ڪيو. ٽن ڪمرن وارو سٺو مڪان – رهڻ جي سيني سهوليتن سميت. سالن کان پوءِ پنهنجي مڪان ۾ رهڻ جو مس مس موقعو ملي رهيو هو. ان ڪري گهر جي سيني ڀاتين شانتي محسوس ڪئي.

ڪشادو مڪان مليو تہ هرڪنهن پنهجا پنهنجا ڪمرا طئہ ڪري ورتا. جڳتراءِ لاءِ ڪوبہ ڪمرو باقي نہ بچيو.

”ڪائي ڳالهہ ڪانهي! جنهن ۾ ٻارن جي خوشي!“ جڳتراءِ پنهنجي دل کي ڏڍ ڏني.

ٿورا سال گذريا تہ جڳتراءِ بيمار ٿي پيو. ڪيس اهڙي بيماري ٿي جو ڊاڪٽرن هن کي الڳہ ڪمري ۾ رکڻ جي صلاح ڏني. گهر جي ڀاتين اڳيان وڏو مسئلو پيدا ٿيو. ڪير ڪيس پنهنجو ڪمرو ڏئي؟ دل نہ هوندي بہ جڳتراءِ کي هڪ ڪمرو  ميسر ڪري ڏنو ويو. جنهن ڏينهن جڳتراءِ کي هڪ ڪمرو ميسر ڪري ڏنو ويو تنهن ڏينهن کان گهر جي ڀاتين مٿان چڻ آفت اچي پيئي. گهر جي ڀاتين کي ڏاڍي سوڙهہ ٿيڻ لڳي. اهڙي سوڙهہ هنن مسواڙي جاءِ ۾ بہ محسوس نہ ڪئي هئي. ٿوري وقت ۾ سڀ تنگ   ٿي پيا.

هڪ ڏينهن جڳتراءِ  هيءُ جڳت ڇڏيو. جڳتراءِ جو انتم سنسڪار ڪيو ويو. آخرين ڪريا ڪرم پورو ڪري سڀ گهر واپس آيا.

واپس موٽيا تہ سيني جو ڌيان جڳتراءِ جي ڪمري طرف هو.

”گهڻي تڪليف سان ڏينهن گذاريا هئاسين.“ هڪ چيو.

”هينئر هيءُ ڪمرو وري اسان جو.“ ٻئي چيو.

”هينئر  جڳهہ  جي تنگي نہ رهندي.“ ٽئين چيو.

گهٽن ڏينهن کان پوءِ سيني جي چهري تي سرهائي ڏسڻ ۾ آئي هئي.

•

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# نسوارٿي

نگر جي ناگرڪن کي شڪايت هئي ته نگرپاليڪا جا سڀ ميمبر فقط پنهنجي گهر جي آسپاس وارين گهٽين جو خيال ٿا رکن.
ٿيو ڇا هو جو روڊ ۽ بلڊنگ ڪاميٽيءَ جي چيئرمن پنهنجي گهر وٽان لنگهندڙ رستي کي پڪو نهرائي ڇڏيو هو. واٽر سپلاءِ ڪاميٽيءَ جي چيئرمن پنهنجي گهر جي آسپاس وارن ماڻهن کي بنا دير جي نل ڪنيڪشن ڏيڻ شروع ڪيا هئا ۽ نيون لائينون ڇڪائي ڏنيون هيون. ان طرح ٻين ميمبرن به پنهنجي پنهنجي ايراضيءَ لاءِ ڪم ڪري ڏيکاريا هئا.
پر هڪ ڏرمداس ئي اهڙو ميمبر هو جو بجلي ڪاميٽيءَ جو چيئرمن بڻيو تڏهن به هرهنڌ اونده ئي اونده ڏسڻ ۾ آئي. ٻيو سڀ ته ڇڏيو پنهنجي گهٽيءَ لاءِ به هن ڪو ٻوٽو نه ٻاريو.
ماڻهو ناراض ٿيا. هن جي لاءِ ڪي جو ڪي چوڻ لڳا. هڪ دوست ته چئي ڏنس، ”يار، اهو ڇا؟ پنهنجي گهٽيءَ ۾ ئي اونده؟“
ڏرمداس مشڪيو. ڪجهه ڪڇيو نه.
ڪي ماڻهو هن وٽ آيا. ڪيس وينتي ڪيائون، ”شريمان، ٻين ميمبرن ته ڏسو پنهنجي پنهنجي پاڙي جي ڪيڏي شيوا ڪئي آهي! توهان به ٻيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي پاڙي وارن جو ته ڌيان رکو ۽ پاڙيسرين کي انڌڪار کان بچايو.“
ڏرمداس مشڪي چيو، ”مان انهن جهڙو سوارٿي نه آهيان. فقط پنهنجي پاڙي لاءِ ڪم ڪرڻ ته سوارٿ چئبو نه!“
”ته پوءِ توهان ٻين جا ڪم ڪرڻ کان ڪير ٿو روڪي؟ ٻين جا به ڪم ڪرڻ ته پاڻ سني ڳالهه چئجي.“ ماڻهن خوش ٿي چيو.
”ٻين لاءِ به ڪم نه ڪري سگهندس.“
”ڇو؟“
”ان ڪري جو پنهنجي پاڙي لِاءِ ڪجهه نه ٿو ڪريان ته ٻين لاءِ وري ڇا لاءِ ڪريان؟“
ائين چئي ڏرمداس منهن ڦيري ڇڏيو.
●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# رانگ نمبر

هوُ هڪ ڪوي هو. روز نيون ڪوتائون لکندو هو، پر ڪوئي ٻڌڻ وارو ڪونہ هوس. هن پنهنجن جن جن دوستن کي ڪوتائون ٻڌائڻ شروع ڪيون تن هن کان ڪنارو ڪرڻ شروع ڪيو. سڀ ڏيري ڏيري منهن موڙڻ لڳس. رستي ويندڙن کي ٻڌائڻ شروع ڪيائين تہ سڀ ٻيو رستو وٺي وڃڻ لڳا. هن پوءِ زال کي ڪوتائون ٻڌائڻ شروع ڪيون تہ زال بہ پيڪي هلي ويس. پوءِ آيو وارو نوڪر جو تہ اهو بہ نوڪري ڇڏي ويو. ڪويءَ ويچاري جو حال ڏسو تہ ننڊ ئي نہ اچيس. ڀلا ڪوتائون ٻڌڻ وارو ڪو تہ هجي. هڪ ڏينهن گهر ۾ وينو هو تہ ڪٿان فون آيس.

”هلو! هي فلاڻي مل جو گهر آهي؟“ سامهون واري پڇيو.

”فلاڻومل؟ هتي تہ ڪوئي فلاڻومل نہ رهندو آهي.“ ڪويءَ جواب ڏنو.

”اِتي نہ رهندو آهي؟“

”ڇيم تہ سهين تہ هتي نہ رهندو آهي.“

”اِتي نہ رهندو آهي تہ ڪٿي رهندو آهي؟“

”الائي مونکي ڪهڙي خبر؟“

”ساري! مون کي لڳي ٿو تہ رانگ نمبر لڳي ويو آهي.“ ائين چئي سامهون واري فون رکڻ چاهيو تہ ڪويءَ چيو، ”هڪ منٽ ترسو. توهان کان رانگ نمبر لڳي ئي ويو آهي تہ پوءِ هڪ ڪوتا ڇو نہ ٿا ٻڌي وٺو.“

”ڪوتا؟ ڇا تون ڪوي آهين؟“

”ها. ڪافي ڪوتائون لکيون اٿم. پر توهان کي في الحال هڪ ڪوتا ٻڌائيندس. پوءِ جي توهان چاهيندا تہ ٻيون ڪوتائون بہ عرض ڪندس.“

”مان ڪوتا ٻڌڻ لاءِ تيار آهيان.“

”اڙي واهہ! جيڪا ڳالهہ منهنجا دوست، منهنجي زال ۽ منهنجو نوڪر نہ ڪري سگهيو سا توهان ڪرڻ لاءِ تيار آهيو. ڏاڍي خوشي ٿي.“

”پر ان لاءِ منهنجو هڪ شرط آهي.“ سامهون واري چيو.

”ها چئو. مان ڪوتا جي بدلي ۾ توهان جا سڀ شرط مڃڻ لاءِ تيار آهيان. مس مس تہ مليا آهيو.“ ڪويءَ جواب ڏنو. ”تہ ٻڌ. مان بہ ڪوي ئي آهيان. هرروز فلاڻي‌مل کي فون تي ڪوتائون ٻڌائيندو آهيان. تون پنهنجي هڪ ڪوتا ٻڌاءِ. بدلي ۾ مان توکي پنهنجون گهٽيون گهٽيون ڪوتائون ٻڌائيندس، جي توکي ٻڌڻيون پونديون.“

”ساري! رانگ نمبر.“ چئي ڪويءَ فون جو رسيوَر رکي ڇڏيو.

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# ڏيتي يا ليتي؟

عام سڀا ۾ ڏيتي ليتيءَ جي وشيہ تي زوردار تقريرون ٿي رهيون هيون. واري واري سان سڀني تي ڳالهايو. ان وقت هڪ ماڻهو اُٿيو. هن ڏيتي ليتيءَ جي وروڌ ۾ ايترو تہ چٻي چٽي ڳالهايو ۽ مثال پيش ڪيا جو حاضرين خوش ٿي تاڙيون وڄائڻ لڳا.

تڏهن حاضرين ۾ ويٺل گل پنهنجي دوست گوبند کي چيو، ”لڳي ٿو هن کي ڌيئرون گھڻيون آهن.“

گوبند چيو، ”هن کي ٽي ڌيئرون آهن.“

”ڌيئرن جون شاديون ٿيل اٿس؟“

”اَڃا ننڍيون اٿس پر ڊپ اٿس تہ شايد انهن کي اُڪلائڻ ۾ ڪيس چڱي دؤلت ڏيڻي پوندي.“

”ڪو پٽ ڪونہ اٿس ڇا؟“

”پٽ ڪونہ اٿس ان ڪري تہ افسوس اٿس ۽ اهو افسوس هن جي ڳالهائڻ مان ظاهر پيو ٿئي.“

ان جوان کان پوءِ هڪ شاهوڪار اُٿيو. هن پراچين ڪٿائن ۽ اتهاس مان ڪي مثال ٻڌائي چيو، ”ڏيتي ليتي اڄ جي پيدائش ناهي. اها آد جڳاد کان هلندي پيئي اچي. پنهنجي ڌيءُ طرف پنهجو قرض ۽ فرض ادا ڪرڻ لاءِ ڏيتي ليتي ضروري آهي. ان ڪري اها هلندي رهي تنهن ۾ ڪا برائي نہ آهي.“

تڏهن گل پنهنجي دوست گوبند کي چيو، ”لڳي ٿو، هن کي پٽ گھڻا آهن ۽ پڳوان جي ڏيا سان پيسو بہ جام اٿس.“

گوبند چيو، ”هن کي چار پٽ آهن. شاهوڪار تہ آهي ئي.“

گل چيو، ”تڏهن ٿو ڏيتي ليتيءَ جي رواج جي طرفداري ڪري.“

ان بعد هڪ جوان اُٿيو. ڪيس ٿورا ڏينهن اڳہ پٽ ڄائو هو. ان چيو، ”ڏيتي ليتي پلي هڪ ڪُهني بيماري آهي پر اُها ڏيري ڏيري دور ڪري سگهجي ٿي. اُميد تہ اسان کان پوءِ جي پيڙهي انهيءَ ڳالھہ تي غور ڪندي ۽ ان ڏس ۾ ڪجهہ ڪري سگهندي.“

تڏهن گل پنهنجي دوست کي چيو، ”هتي تہ هرڪو سوڙ پاڻ ڏانهن پيو ڇڪي. هل تہ هلون.“

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# آڌار

ٻڍيءَ هڪ سڏڪو ڀريو. سڏڪي سان گڏ هن جي اکين ۾ تري آيل ڳوڙها رڙهندا اچي هن جي ڳلن تي اٽڪي بيٺا. ٻڍيءَ انهن ڳوڙهن کي ساڄي هٿ جي آڱرين سان يڪدم اُگهي ورتو – جئن انهن کي ڪو ڏسي نه وٺي.

ڪو وقت هو جو انهن ڳوڙهن کي اُگهڻ جو ڪم هن جون آڱريون نه ڪنديون هيون. ڪو ٻئو جو انهن کي اُگهڻ پنهنجو فرض سمجهندو هو. هن جي اکين مان هڪ به ڳوڙهو ائين رڙهندو اچي ڳلن تائين پهچي، تنهن کان اڳ ئي ان کي پيار ڀريل چپاءَ سان روڪيو ويندو هو. هن وقت ائين نه آهي. اهو ڪم هينئر هن جا پنهنجا هٿ ڪري وٺندا آهن. ڳوڙهن به وڌنڌڙ آدمشماريءَ جيان پنهنجو تعداد وڌائي ڇڏيو آهي. انهن کي روڪڻ لاءِ هن جا پنهنجا هٿ ڪمزور ثابت تي رهيا آهن.

هن جي پٽيءَ جو ديهانت ڪجهه عرصو اڳ ئي ٿيو هو. پٽيءَ جي وڇوڙي ڪيس هڪ اونداهي خال ۾ ڌڪي ڇڏيو هو. اهو خال ڪو اونهو کوهه هو يا ڪا اونهي کاهي، ڪيس خبر نه آهي پر جلد ئي هن محسوس ڪري ورتو هو ته اهو هڪ وڏو خال ضرور آهي. ڪا روشني ڪانهي، ڪو سوجهرو ڪونهي، ڪو ترورو به ڪونهي.

ٻڍيءَ جي نونهن سڄي ڏينهن ۾ هڪ دفعو به وٽس نه ايندي آهي. پٽ ايندو آهي. فقط رات جو ايندو آهي – ڊنڊي تان موٽڻ بعد. اسپتال ۾ جئن ڊاڪٽر هڪ ڦيرو هڻي موٽي ويندو آهي تئن پٽ به رات جو هڪ چڪر لڳائي مريض جو مٿاڇرو حال چال پڇي واپس موٽي ويندو آهي. هڪ رات کان ٻي رات جو هڪ لنبو مفاصلو ٻڍيءَ لاءِ تمام گهڻي پيڙادايڪ هوندو آهي انهيءَ پيڙادايڪ زندگيءَ ۾ هن جي لاءِ پنهنجي پٽيءَ جي هڪ جهوني واچ جڻ هن لاءِ سهارو هوندي آهي. انهيءَ کي تمام گهڻي دير تائين هوءَ ڏسندي رهندي آهي تڏهن ڪيس لڳندو آهي، هن جو پٽي هن سان اڃا تائين به گڏ آهي.

هن جي پٽيءَ جون ٻيون سڀ شيون ته سندس مؤت کان پوءِ ٿورا ڏينهن پوءِ ئي نيڪال ڪيون ويون هيون. ٻڍيءَ پنهنجي پٽيءَ جي واچ ڪنهن کي ڏيڻ نه ڏني هئي. جهوني زماني جي ۽ ڏوريءَ ۾ لٽڪندڙ واچ سان سندس پٽيءَ جو گهڻو لڳاءُ هو.

اڄ صبح جو اها واچ اوچتو بند ٿي ويئي. ٻڍيءَ پنهنجي پٽ کي ان واچ جي مرامت ڪرائي ڏيڻ لاءِ چيو ته پٽ کي ڄڻ باهه لڳي ويئي. هوُ گهڻي دير تائين ماءُ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو رهيو ۽ ڪاوڙ ۾ اچي هن اها واچ دريءَ کان ٻاهر ڦٽي ڪري ڇڏي.

ٻڍيءَ جا سڏڪا اڃا تائين به بس نه ٿا ڪن. گويا اُهي پڇي رهيا آهن : ’گذاري ويل پيءُ جي ههڙي بي ادبي ۽ زنده ماءُ جي بي عزتي هن زماني جا ملهه آهن ته اڳتي ڇا ٿيندو؟‘

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# موبائيل

ڪاليج ۾ پڙهندڙ پنڪيءَ جو پپا جڏهن آفيس مان آيو تڏهن روز جيان هن پيءُ جي اڳيان فرمائش ڪئي، ”پپا، مون کي موبائيل ڇو نه ٿا آڻي ڏيو؟“ پوءِ اڄ جي يگ ۾ موبائيل جي ضرورت تي زور ڏيندي پنهنجي پيءُ کي هن ٻڌايو، ”ڪاليج ۾ مون سان گڏ پڙهندڙ سيني ساهيڙين وٽ موبائيل آهي. اهو اڄڪلهه جو ’اسٽيٽس سمبول‘ بڻجي پيو آهي. جنهن وٽ ڪونهي تنهن کي ڄڻ پاڻ تي شرمسار ٿيڻو ٿو پوي.“

پنڪيءَ جو پپا روز وانگر پنهنجي ڌيءَ جي ڳالهه ٻڌندو رهيو. پوءِ هن چيو، ”چڱو، نيڪ آهي. تو لاءِ موبائيل جلد ايندو.“

ٻ ٽورن ڏينهن ۾ موبائيل به اچي ويو.

پنڪي خوش هئي جو هينئر هن وٽ به پنهنجين ساهيڙين وانگر موبائيل هو. هوءَ جتي به ويندي هئي، پاڻ سان موبائيل کڻي ويندي هئي. ڪن ساهيڙين اڳيان موبائيل تي خواه مخواه به ڳالهائي، پاڻ وٽ موبائيل هئڻ جو کين احساس ڪرائيندي هئي.

ائين چڱا ڏينهن هلندو رهيو.

هڪ ڏينهن پنڪي بازار ويئي. اُتي پنهنجي ضرورت جون شيون خريد ڪرڻ کان پوءِ هوءَ واپس اچي رهي هئي تڏهن هڪ گاڏي تي رکيل انگورن جا سهڻا پڪل ڇڳا ڏسي هن جي دل سرڪي. هن کي انگور ڏاڍا وڻندا هئا. هوءَ گاڏي واري کان انگورن جو اگهه پڇي رهي هئي تڏهن موبائيل جي گهنٽي وڄڻ لڳي.

پنڪيءَ موبائيل ڪڍڻ لاءِ پرس ۾ هٿ وڌو تڏهن ڏٺائين ته سندس موبائيل ته بند هو. اهو گهنٽيءَ جو آواز ته ٻئي ڪنهن هنڌان اچي رهيو هو.

’اڙي! هي ته هن گاڏي واري جي موبائيل جي گهنٽي ٿي وڄي!‘ پنڪيءَ عجب کاڌو. ’هن گاڏي واري وٽ به موبائيل آهي!‘

شام جو پنڪيءَ جو پپا گهر آيو ته پنڪيءَ پنهنجي پيءُ کي غصي مان چيو، ”مون کي ڪونه کپي هي موبائيل!“

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# روبوٽ

هڪ شخص کي شوق جاڳيو تہ مان جڳت جو وڏو ماڻهو بڻجان. وڏو ماڻهو بڻجڻ جي طريقن تي گهڻو غور ڪيائين پر هرهڪ طريقي تي عمل ڪرڻ لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن طرح جو پوڳہ ڏيڻ ضروري هو. لياقت بہ ضروري هئي. شخص چيو : ”مون کي ڪجهہ بہ ڪرڻ کان سواءِ وڏو ماڻهو بڻجڻو آهي.“ سوچ ويچار ڪرڻ کان پوءِ هڪ اٽڪل سجهيس. هوُ ٿورو پڙهيل لکيل تہ هئو ئي چيائين تہ انهيءَ جو فائدو وٺان.

هڪ ڏينهن هن شهر جي ڪن پترڪارن کي پاڻ وٽ اچڻ جي نينڊ ڏني. کين کارايائين، پيارائين ۽ سوکڙيون بہ ڏنائين. ان کان پوءِ هن پترڪارن کي پنهنجو مقصد ٻڌايو.

هڪ ٻن پترڪارن تہ سڌو ئي چئي ڏنس، ”اسان کان اهو ڪم نہ ٿيندو. کڻ پنهنجون سوکڙيون. اسان پترڪارن کي تو سمجهيو ڇا هي؟“

پر ٻہ ٽي پترڪار اهڙا نڪتا جن چيو، ”اسان توهان کي مدد ڪنداسين بشرطيڪ توهان بہ اسان کي خوش رکندا.“

شخص چيو، ”توهان کي سٺي رقم ملندي رهندي. پروگرامن جون نينڊون بہ ملنديون. هميشهہ ڊؤ تي رهندا. پر بدلي ۾ توهان کي منهنجي پبلسٽي ڪرڻي پوندي، منهنجي هر ڳالهہ جي پبلسٽي. منهنجي ساراهہ ۾ بہ ليکہ لکڻا پوندا. منهنجن اِشارن تي هلڻو پوندو. ٻڌايو اٿوَ قبول؟“

پترڪارن چيو، ”اسان کي قبول آهي.“

شخص چيو، ”ڪٺو ٿا قسم؟“

پترڪارن چيو، ”اسان قسم ٿا کڻون.“

شخص چيو، ”اڄ کان وٺي توهان ماڻهو نہ آهيو، مشيني ماڻهو آهيو، روبوٽ آهيو.“

”ها، اسين روبوٽ آهيون.“

”توهان کي هلائڻ چلائڻ وارو مان آهيان.“

”ها، هلائڻ چلائڻ وارا توهان آهيو.“

”توهان کي هلائڻ جو رموٽ ڪنٽرول منهنجي هٿ ۾ آهي.“

”ها، توهان جي هٿ ۾ آهي.“

”هينئر هتان ڦُٽو.“

”اسين ڦُٽون ٿا.“

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# اَرمان

وري هڪ دفعو گھنٽي وڳي.

گھنٽيءَ جو آواز ٻڌي سڪرام ائين اُٿيو ڄڻ هن جي پيرن ۾ ڪنهن وڏا پٿر ٻڌي ڇڏيا هجن. صرف اڌ ڪلاڪ ۾ ڪيس ڍاڪو دفعا ته صاحب سڏائي چڪو هو. صاحب ائين روز ڪيس اُٿ ويهه ڪرائيندو هو. صاحب جي حاضريءَ جي وقت هوُ ڪيڏانهن به چُري نه سگھندو هو. صاحب جو رعب ڏسي سڪرام کي پاڻ تي افسوس ٿيندو هو ته هوُ وڌيڪ ڇو نه پڙهيو. جي پڙهيل هجي ها ته هوُ به اڄ صاحب هجي ها.

هوُ اَچا اُٿي ڪري صاحب جي چيمبر تائين پهچي اُن کان اڳ گھنٽي وري زور سان وڳي.

”ڪيڏانهن گم ٿي ٿو وڃين؟“ صاحب رڙ ڪئي.

”صاحب، هتي ئي ته هوس.“

”هان وٺ، هي فائيل کڻي هُن ٽيبل تي رک!“

سڪرام پڻ پڻ ڪئي، ’هي صاحب به عجيب آهي. فائيل به پاڻ کڻي نٿو رکي. ننڍن ننڍن ڪمن لاءِ ڪيس پريشان ٿو ڪري؟‘

هڪ ڏينهن سڪرام سويل ئي آفيس ۾ پهچي ويو. اَڃا ٻيا ملازم ڪونه آيا هئا. صاحب جي چيمبر جي صفائي ڪندي اچانڪ هن جو صاحب جي رعبدار ڪرسيءَ طرف ڌيان ويو. هوُ پاڻ کي روڪي نه سگھيو. صاحب جيان هن پنهنجي سرير کي ڪرسيءَ تي اُڇلايو ۽ گھنٽيءَ جي بٽڻ کي زور سان دٻايو مس ته سندس وات مان نڪري ويو، ”صاحب جا ٻچا! مون لاءِ پاڻيءَ جو گلاس آڻ.“

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# پردو

هن کي پنهنجي گهر جي درن-درين لاءِ پردا ٺهرائڻا هئا. هڪ دوست صلاح ڏنيس، ”مس مالا کان سباءِ. ڏاڍي هوشيار اٿيئي. چوين تہ کيس تنهنجي گهر موڪليان.“

”يار، تون هن جي ايتري ساراهہ ٿو ڪرين تہ پوءِ پڪ هوشيار هوندي. کيس هيڏانهن موڪلڻ جي ضرورت نہ آهي. مان توکي درن ۽ درين جي ماپ ۽ ڪپڙو ڏيانءِ ٿو. کيس تون ئي ڏيئي ڇڏج.“

هفتي کان پوءِ مس مالا پردا سبي کڻي آئي. پر پردن جو قد ننڍو وڏو! آڏا ڦڏا! ڪي هيٺ تہ ڪي مٿي! هن جو موڊ آف ٿي ويو.

هن مس مالا کي چوڻ چاهيو، ”منهنجي دوست تہ توهان جي ڏاڍي ساراهہ پئي ڪئي پر توهان تہ.....“

هوُ ڪجهہ چوي تنهن کان اڳہ مس مالا تي نظر پوندي هن جا لفظ زبان تي ئي اٽڪي پيا. دل ۾ چيائين، ’ڪيڏي نہ سندر! ڪيڏي نہ خوبصورت! ايشور ڇڻ کيس فرصت ۾ ويهي گهڙيو آهي!‘

ظاهري چيائين، ”سچ پچ تون.....“ هن مس مالا ڏانهن نهاريندي پردن ڏانهن نهاريو ۽ باقي لفظ پورا ڪندي مشڪندي چيو، ”ڪلا جي موُرتي آهين.“

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# ائڊميشن

پنهنجي ٻار جي داخلا جو فارم ڪٽي هو جڏهن پرنسيپال وٽ پهتو تہ پرنسيپال هن ڏانهن نهارڻ بنا ئي سوال ڪيو، ”ڇا کپي؟“

”ائڊميشن.“

”ٻاهر بورڊ نہ پڙهيو اٿوَ؟“

”اهو تہ پڙهيو اٿم پر....“

”پوءِ بہ اندر هليا آيا آهيو؟ بورڊ تي صاف لکيل آهي تہ ائڊميشن بلڪل بند آهي.... هينئر ايندڙ سال اچجو.“

”اڳئين سال بہ توهان ائين چيو هو.“

هينئر پرنسيپال هن ڏانهن نهاريو. ”تہ پوءِ مان ڇا ڪريان؟ ائڊميشن منهنجي ڪيسي ۾ تہ آهي ڪانہ جو ڪڍي ڪري توهان کي ڏيان!“

”ائڊميشن ڪٿي بہ پيئي هجي، ان کي ڇڪي ڪڍڻ لاءِ مون وٽ ساڌن آهي.“ ائين چئي هن پاڻ سان آندل اٽئچي کولي پرنسيپال کي ڏيکاري، جنهن ۾ نوٽ پيل هئا.

”تہ پوءِ.... تہ پوءِ....“ پرنسيپال ڍلو ٿيڻ لڳو هو. ڪن رکي چيائين، ”توهان لاءِ ڪونہ ڪو بندوبست ڪري ٿا وٺون.“

ائين چئي هن ڪلارڪ کي سڏ ڪرڻ لاءِ پٽيوالي کي گهرايو. پٽيوالو ٻاهر ويو. پرنسيپال جي اک اٽئچيءَ ۾ هئي.

پرنسيپال چيو، ”توهان ڪو فڪر نہ ڪريو.“

هن جواب ڏنو، ”اهو تہ فڪر لٿو پر هڪ ٻي چنتا ٿي رهي آهي.“

”ها، ها، چئو. سنڪوچ نہ ڪريو.“ پرنسيپال چيو.

”منهنجو ٻار پهرين ٽن نمبر ۾ اچي ان لاءِ بہ اڳواٽ هينئر ئي ڏي وٺ ڪري ڇڏيون!“

پرنسيپال جون اکيون ڦاٽي ويون.

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# پاڳل

روز جيان اهو شخص پنهنجيءَ مستيءَ ۾ رستي تان وڃي رهيو هو. ان وقت هڪ نوجوان چانهه جي پڙيءَ وٽ بيهي چانهه جون چسڪيون پرڻ ۾ محوُ هو. اچانڪ ان شخص تي نظر پوڻ سان هن جون واڇون ٽڙڻ لڳيون. جهٽ ۾ چانهه جو ڪوپ خالي ڪري هوُ ان شخص جي پٺيان ڊوڙيو.

”او چريا.... او پاڳل....“ ائين چئي نوجوان هي هي ڪري ان شخص جي پٺيان پٺيان هلڻ لڳو ۽ ڪيس تنگ ڪندو رهيو.

پاڳل لڳندڙ شخص رستي تان هڪ پٿر کنيو ۽ نوجوان طرف ڦٽو ڪيو. ائين هڪ ڪان پوءِ ٻيو ۽ ٻئي ڪان پوءِ ٽيون.... پٿر اُڇليندو رهيو. هڪ ٻه پٿر ڪيسي ۾ ٻه پريائين. ان شخص کي ائين پريشان ٿيندو ڏسي نوجوان کي آنند اچڻ لڳو.

ائين ڪيتري دير هلندو رهيو.

چانهه جي پڙيءَ وٽ بيهي ٻيا ٻه ماڻهو چانهه پيئندي اهو سڄو لقاءُ ڏسي رهيا هئا.

هڪ ماڻهوءَ ٻئي کي اِشارو ڪيو، ”ڏسين ٿو نه؟“

ٻئي چيو، ”ها.... ڪو پاڳل ٿو ڏسجي.“

پهرئين چيو، ”ها، شايد پاڳل ئي آهي.“

ٻئي پڇيو، ”پر ڪير؟ اهو اڳيان وارو؟ يا ان جي پٺيان وارو؟“

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# ڪاريگر ۽ ليکڪ

الف ـ هڪ ڪاريگر.
ب ـ هڪ ليکڪ.

ٻئي ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا، اچانڪ ٻنهي جي ملاقات ٿي ويئي.

الف چيو، ”مان هڪ سنو ڪاريگر آهيان. خوب محنت ڪندو آهيان. پرسان واري وڏي ڪارخاني ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ جي مقصد سان وڃي رهيو آهيان....“

ب چيو، ”مان ليکڪ آهيان. گهڻائي ڪتاب لکيا اٿم. پاٺڪ انهن کي چاهه سان پڙهندا آهن. تمام سنو لکان ٿو. پر اڃ تائين مون کي ڪنهن به ڪتاب تي انعام ڪونه مليو آهي. پرسان واري نگر ۾ هڪ وڏو ساهتيڪار رهندو آهي. هن دفعي انعامن جي لاءِ هن کي جج بڻايو ويو آهي. ان سان ملڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان. ڪوشش ڪري ڏسان ته شايد مون کي به هڪ اڌ....“

الف نوڪريءَ لاءِ جڏهن ڪارخاني تي پهتو ته مئنيجر سندس قابليت ڏسي خوش ٿيو. کيس چيائين ”نوڪري ته توکي ملندي پر....“ پوءِ ٽيبل جو خانو کوليندي هن اِشارو ڪيو پر ڪاريگر ڪجهه نه سمجهيو. تڏهن هن پنهنجي ڳالهه کي اڃا به صاف ڪندي چيو، ”اڙي ڀائي، توکي نوڪري ڏيڻ سان مونکي ڇا ملندو؟“

ب به جڏهن وڏي ساهتيڪار وٽ پهتو ته سندس قابليت جي هن ساراهه ڪئي. کيس چيائين، ”انعام ته توکي ملي سگهندو پر تو وٽ ان جي بدلي ۾ مون کي ڇا ملندو؟“

الف ۽ ب ٻنهي مان ڪنهن به ڪانئن پڇيل سوال جي جواب ۾، ڪو خاطريءَ جهڙو جواب نه ڏنو هو ان ڪري، نه الف کي نوڪري ملي، نه ب کي انعام!

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# چُپ

ماءُ-پيءُ پنهنجي ننڍڙي ٻار کي ڳالهائڻ سيکاري رهيا هئا:
’’چئُه، بابا!‘‘
’’بابا.‘‘
’’چئُه، دادا!‘‘
’’دادا.‘‘
’’چئُه، ممي!‘‘
’’ممي.‘‘
ٻار کي ڳالهائيندو ڏسي ماءُ-پيءُ کي گهڻي خوشي ٿي رهي هئي.
پٽ تي ڪانءُ ڏسي پٽ چيو، ’’بابا، ڪانءُ!‘‘
’’ها پٽ! ڪانءُ.‘‘
ٻار وري چيو، ’’بابا، ڪانءُ!‘‘
’’ها پٽ! ڪانءُ.‘‘
ائين گهڻائي دفعا ٻار ’ڪانءُ-ڪانءُ‘ جي رٽ لڳائي ڏني. ٻار کي ائين ڳالهائيندو ڏسي ماءُ-پيءُ کي گهڻي خوشي ٿي رهي هئي.
ٿوري وقت کان پوءِ ٻار منيون منيون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ماءُ پيءُ کان طرح طرح جا سوال پڇي هنن جو مٿو کائڻ لڳو.
ڪنهن پاڙي واري چين، ’’توهان جو ٻار گهڻو ٿو ڳالهائي.‘‘
ماءُ پيءُ چيو، ’’ٻار جو ڪم آهي ڳالهائڻ. هن کي ڳالهائيندو ڏسي اسان کي ته آنند ٿو اچي.‘‘
وقت گذريو. ٻار هينئر وڏو ٿي چڪو آهي. هن ڌنڌي جو ڪاروبار سنڀاليو آهي.
هڪ ڏينهن جي ڳالهه ـ
ماءُ چيو، ’’پٽ! ٽي. وي. ته هلاءِ.‘‘
پيءُ چيو، ’’پٽ! اڄ منائيءَ تي دل ٿي آهي.‘‘
پٽ رڙ ڪري چيو، ’’توهان گهڻو ٿا ڳالهايو! چپ ڪري ويهو!‘‘
●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# سوال آتم رڪشا جو!

شريمتي مايا ديوي هڪ ڪاليج جي شاگردياڻين جي اڳيان ڀاشڻ ڪندي چئي رهي هئي : ”پياريون ڀينرون! هن پرش پرڌان سماج ۾ استرين تي جيڪو اتياچار ٿي رهيو آهي. ان کان ڇوٽڪارو پائڻ جو فقط هڪ علاج آهي، سو اهو ته اسان سڀني استرين کي آتم رڪشا جي ڪلائن جي ٽريننگ وٺڻ گهرجي....“

پنهنجو ڀاشڻ پورو ڪري مايا ديويءَ سڀني شاگردياڻين کي جوڊو ڪراٽي جي داو پيچن جي ٽريننگ ڏيڻ شروع ڪئي.

هوءَ کين سيکاري رهي هئي تڏهن هڪ شخص اُتي آيو ۽ هن پنهنجي سڃاڻپ ڏيندي ٻڌايو، ”مان فلاڻي ٽي. وي. چئنل جي طرفان آيو آهيان، توهان استرين جي آتم رڪشا لاءِ جيڪو سندر ڪاريہ ڪري رهيا آهيو، تنهن بابت توهان کان انٽرويو وٺڻ چاهيون ٿا، مهرباني ڪري مون سان گڏ هلو.“

مايادیوي جلد ۾ پنهنجو ڪاريہ پورو ڪري ان شخص سان رواني ٿي.

اهو شخص کيس هڪ گيسٽ هائوس ۾ وٺي آيو. اُتان جو واتاورڻ ڏسي مايادیوي يڪدم سمجهي ويئي تہ ساڻس دوکو ڪيو ويو آهي. هيڏن سارن ڇئن مردن جي طاقت اڳيان هن جون سڀ ڪوششون اجايون ويون. گيسٽ هائوس مان ٻاهر نڪرڻ وقت، هن جو سڀ ڪجهہ ختم ٿي چڪو هو. لڙکڙائيندڙ قدمن سان هوءَ ڪنهن طرح ٻاهر آئي. گهر طرف موٽڻ لاءِ هن هڪ ڪار واري کان لفٽ گهري.

لفٽ ملي پر ڪار ۾ وينا هئا ٽي وحشي پرش....

هڪ دفعو وري!

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# ترقيءَ جي راهه تي

هڪ سنستا جو صدر ڏاڍو اُداس ڏسڻ ۾ پئي آيو. سيڪريٽريءَ اُن جو ڪارڻ پڇيو ته صدر وراڻيو، ”يار، مان ته ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان....“

”ڇو ٿڪجي پيا آهيو؟“

”يار، روز روز سيمينار؟ اها به ڪا زندگي آهي؟“

”توهان ته سڀني سيمينارن جا سرمور هوندا آهيو. منچ تي وڏين وڏين هستين سان گڏ وهندا آهيو، فوٽا نڪرندا آهن، ٽي.ويءَ وارا ايندا آهن، پوءِ به توهان؟.....“

”يار، اهو سڀ ته ٺيڪ آهي پر هينئر انهن سيمينارن مان دل ڪٽي ٿي پيئي آهي.“

”ته پوءِ اڳتي ڪوبه سيمينار نه ڪريون.“

”نه نه، منهنجو اهو مطلب ڪونه هو. سيمينار ڇو نه ڪبا؟ سيمينارن ڪان سواءِ مان جي ڪيئن سگهندس؟.... در اصل هينئر مان سيمينارن ۾ ڦيرو آڻڻ ٿو چاهيان.“

”ته پوءِ اها ڳالهه ته پاڻ سڀني چئبي. هونئن به سيمينارن مان، ڪجهه وري به ته ڪين ٿو....“

”يار، تون سمجهين نه ٿو، مان ٻيو ڪجهه چوڻ ٿو چاهيان. اهو هيءُ ته ڏس، هيلتائين اسان جيڪي به سيمينار ڪيا آهن سي سڀ هيٺ ڪيا آهن....“

”هيٺ؟ ڇا مطلب؟“

”هينئر انهن سيمينارن کي مٿتي آڻڻ جو ويچار پيو ڪريان! انهن ي اوچائي بخشڻ ٿو چاهيان ان ڪري مون فيصلو ڪيو آهي ته.... اڳتي سيمينار پهاڙي استانن تي ڪنداسين.... هوائي جهازن ۾ ڪنداسين.... آڪاش ۾ ڪنداسين....“

ءِ هوُ خيالن ئي خيالن ۾ مٿي پهچي ويو.

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# بدل سدل

هن جڏهن کان ساليءَ کي ڏنو هو تڏهن کان مٿس هرڪا هاري وينو هو. سماج جي نيمن ۾ بدّل هئڻ ڪري هوُ ظاهري طرح ڪُڇندو ڪونہ هو پر اندر ئي اندر لُڇندو رهندو هو.

هڪ ڏينهن هو بازار مان پاڻي ڇڪڻ جي مشين وٺي آيو. اها مشين هن فٽنگ ڪرائي گهر ۾ لڳائي تہ اها ڪم ئي نہ پئي ڪري. دڪاندار جينوئيڪ مشين جي خاطري ڏيندي چيو هوس، ”سائين، ههڙي سٺي مشين توهان کي ڪٿي بہ نہ ملندي. مان توهان کي شيءِ جي گئرنٽي ٿو ڏيان. ان هوندي بہ ڪو نُقص ڏسڻ ۾ اچي تہ توهان بلاشڪ واپس کڻي اچجو. مان اها مشين توهان کي بدلي ڏيندس.“

اهڙي خاطري تہ هن کي سندس سهري بہ ڏني هئي، ”اسان جي ڇوڪري اٿوَ گونگي ڳانءِ. ههڙي ڇوڪري توهان کي اصل نہ ملندي. هيءَ توهان جي گهر کي سرڳ بڻائي ڇڏيندي.“

’ڏوڙ.... جڏهن کان آئي آهي تڏهن کان گونگي بڻجي ويٺي آهي. گهر سرڳ تہ نہ بڻجي سگهيو آهي، ماڳهين ئي نرڪ بڻجي ويو آهي. تنهن کان تہ هن جي ڀيڻ سٺي.‘ اڪثر هوُ سوچيندو رهندو هو.

سُستيءَ ئي سُستيءَ ۾ بہ چار ڏينهن گذري ويا. هوُ دڪاندار کان پاڻيءَ جي مشين جي بدلي ۾ ٻي مشين وٺڻ لاءِ نہ وڃي سگهيو. جنهن ڏينهن ويو تنهن ڏينهن مشين جي بدلي ۾ ساڳيءَ ئي ڪمپنيءَ جي ٻي مشين وٺي آيو. ساڳئي ڏينهن هن ٻيو بہ ڪم ڪيو. زال کي گهر مان ڪڍي ان جي ڀيڻ کي اچي گهر ۾ ويهاريائين!

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# ليکو

پنهنجي پٽ جي قسم نامي تي واسطيدار آفيسر جي صحيح وٺڻ لاءِ هن ڪاغذ وڌايو ته آفيسر هن ڏانهن نهارڻ بنا ئي چيو، ”ڇوڪري جي انٽروڊڪشن ڪپي انٽروڊڪشن يعني سچاٽپ!“

سچاٽپ؟ هن آفيس ۾ ته هن جي پٽ کي يا ڪيس ڪوبه نه سڃاڻي. تنهن هوندي به هن هڪ سرسري نظر سيني ملازمن تي وڌي پر ديوارن سان ٽڪرائجي هن جي نظر واپس موٽي آئي.

هن همٿ ڳڏ ڪندي آهستي آهستي چيو، ”هتي ته ڪوبه سچاٽل ڏسڻ ۾ نٿو اچي.“

”سچاٽپ ڪانهي ته صحيح به نه ٿي سگهندي.“ آفيسر هن دفعي به هن ڏانهن نه نهاريو.

”ڏسو... مان به توهان وانگر سرڪاري آفيس ۾ آفيسر آهيان. جيڪڏهن ديا پالي ڪنهن طرح صحيح ٿي وڃي ته احسان رهندو.“

”توهان به آفيسر آهيو ته توهان کي به نيمن جي خبر هوندي ته سچاٽپ بنا صحيح ئي نه ٿي سگهندي آهي.“ هينئر آفيسر هن ڏانهن پهريون دفعو نظر اُچلائي. ”چڱو، توهان هيئن ڪريو. توهان ئي پنهنجي پٽ جي سچاٽپ ۾ صحيح ڪريو.“

هن سامت جو ساهه کنيو ۽ قسمنامي جي ڪاغذ تي پنهنجي پٽ جي سچاٽپ ڏيندي لکيو، ”مان هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻان.“

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# ملي ويو!

”آخر ملي ئي ويو!“ هڪ ڄڻي تاڙيون وڄائيندي خوشيءَ وچان اُڇل ڏني.
”آخر اسان جي محنت سڦل ويئي!“ ٻئي به ان خوشيءَ ۾ پنهنجو سر ملايو.
سڀني کي عجب لڳو ته هنن ٻنهي کي آخر اهڙي ڪهڙي شيءِ ملي آهي، جنهن تي سنستا جا ميمبر ايڏا نينگھ ٽپا پيا ڏين!

ڳالهه سچ پچ خوش ٿيڻ جهڙي ئي هئي.

گهڻن ڏينهن کان هو هڪ اهڙي ليکڪ جي تلاش ۾ هئا جنهن جي ساهتيڪ يوگدان تي هو سيمينار سڏائي سگهن. گذريل چڱي عرصي کان ايڏا ته سيمينار ٿيندا رهيا هئا جو سيمينارن جي وشين جي اَڻاٽ ٿيڻ لڳي هئي. اڳتي هلي الڳ الڳ ليکڪن ۽ شاعرن جي ساهتيڪ  يوگدان تي سيمينار سڏائڻ جو سلسلو شروع ٿيو. ان جو به نتيجو اهو نڪتو جو اهڙو ڪوبه ليکڪ يا شاعر باقي نه رهيو جنهن تي سيمينار نه سڏايو ويو هجي. ان ڪري سنستا جا بانيڪار ڪيترن ڏينهن کان فڪر ۾ هئا ته ڪهڙي ليکڪ تي سيمينار سڏائجي! هو هتي هتي خوب ڀٽڪيا. ڪٿي به هنن کي ڪو ليکڪ ڪونه مليو.

هڪ ڏينهن هڪ ماڻهوءَ کين ٻڌايو، ”اسان جي پاڙي ۾ هڪ نئون ليکڪ پيدا ٿيو آهي. مڪاني اخبار ۾ هوُ ڪڏهن چرچا ۽ پروليون لکندو رهندو آهي.“

بس، بانيڪار جُتي پائڻ بنا ان نئين ليکڪ وٽ پهچي ويا. اچي ڪيس پڪڙيائون. نچندي ٽپندي چوڻ لڳا، ”آخر ملي ئي ويو....!“

•

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# ڪالهہ ۽ اڄ

مهني جي آخرين تاريخ ـ

”ٻڌين ٿي؟“ مسٽر موٽواڻيءَ اُتساهہ ۾ اچي چيو. ”سياڻي پگهار جو ڏينهن آهي.“

”ها، پگهار جو ڏينهن يعني خوشيءَ جو ڏينهن. سڄي مهني خرچ ڪندي ان هڪ ڏينهن جو ئي تہ انتظار رهندو آهي.“

”ها.... سياڻي پگهار پنهنجي هٿ ۾ هوندو. منهنجو ويچار آهي سياڻي ئي شام جو پڪچر تي هلون.“

”روٽي بہ اڳوپوءِ ٻاهران ئي کائي اچون.“

”ويچار تہ ڏاڍو سٺو آهي. سياڻي ائين ئي ڪنداسين.“

ٻئي ڏينهن جي سٺن سٺن خيالن ۾ ٻنهي کي ننڊ بہ سٺي اچي ويئي.

پگهار جو ڏينهن– مسٽر موٽواڻي پگهار جا پئسا کڻي گهر پهتو. زال مڙس جي وچ ۾ صلاح مصلحت شروع ٿي ويئي. سڄي مهني ۾ جن جن وٿان هنن اوڌرون ڪنيون هيون ۽ خرچ پکن جا جيڪي بل کين چڪائڻا هئا تن تي گنڀيرتا سان سوچ ويچار ڪرڻ لڳا.

”هي سيڌي واري جا.“

”هي کير واري جي بل جا.“

”هي اخبار وارو.“

”هي ٽيليفون جو بل.“

’هي لائيٽ جي بل جا.“ وغيره وغيره.

اهي اهڙا خرچ هئا جن جو پورائو پگهار مان ڪرڻو هو. انهن خرچن جو قد ايڏو وڏو هو جو انهن جو پورائو ڪرڻ لاءِ پگهار جي رقم ڪافي نہ هئي.

”پوءِ ڇا ڪريون؟“

”ڪيئن پورت ڪريون؟“

ٻنهي پنهنجن پنهنجن ڳلن تي آڱريون رکيون. ڪيتري دير جوڙ ڪٽ ٿيندي رهي. آخر ٿڪجي پيا. آخر جڏهن هنن جو حساب ڪتاب پورو ٿيو تڏهن نہ پڪچر لاءِ پئسا بچيا هئا، نہ هوٽل ۾ روٽي کائڻ لاءِ.

”ائين هر مهني ٿيندو آهي.“

”ها، ائين هر مهني ٿيندو آهي.“

”هاڻي ڇا ڪريون؟“

”هيئن ٿا ڪريون. ايندڙ مهني ضرور سئنيما ڏسڻ بہ هلنداسين ۽ هوٽل ۾ روٽي بہ کائينداسين.“

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# پيپچرو

هڪ هو پيپچرو. سنهو سنهو ڊگهو ڊگهو. ڳاهه ۾ ٻوٽن جي وچمان نهيل پيپچرو ماڻهن لاءِ هڪ وردان هو. ننڍن ننڍن گهرن تائين هر ڪنهن کي آسانيءَ سان ۽ جهٽ ۾ پهچائڻ هن جو مکيه ڪم هو. هن کي پنهنجي انهيءَ شيوا تي خوشي به ٿيندي هئي.

وقت گذريو. ڳوٺ بدلجي نگر ٿيڻ لڳو. پيپچرو به بدلجي رستو بڻجي پيو. هن جي آڪار ۾ ٿوري تبديل آئي. سنهي مان هوُ ٿورو ويڪرو بڻيو. ڄڻ عمر گذرڻ سان ڪو ماڻهو قد بت ۾ ٻالڪ مان ڦري جوان بڻيو هجي. هن پنهنجو شيوا ڪاريه اڳيان جيان چالو رکيو.

ڏينهن گذريا. مهنا گذريا. سال گذريا. ڏسندي ڏسندي انيڪ سال گذري ويا. نگر بدلجي شهر ٿي ويو. پيپچري مان نهيل رستو هينئر روڊ بڻجي ويو. پڪو روڊ. سخت روڊ.

هڪ نيتا ان جو اُدگهاٽن ڪيو ۽ چيو، ”هي پڪو روڊ اسان جي شهر کي ٻين شهرن سان ملائيندو.“

هينئر ان روڊ مٿان موٽرون ڪارون وڏيڪ هلڻ لڳيون. پر روڊ تي موٽرون گاڏيون هلائڻ وارن پاڻ تي ڪو ضابطو نه ٿي رکيو.

هڪ ڏينهن انهيءَ روڊ تي هڪ ائڪسيڊنٽ ٿيو. ٻه ماڻهو مري ويا. روڊ لاءِ اها خبر ڪافي دکدائڪ هئي. پنهنجي مٿان سمهيل ٻن لاشن کي ڏسي سخت روڊ جو من پرجي آيو.

ان کان پوءِ ته اها روز جي ڳالهه ٿي پيئي. موٽرون ۽ گاڏيون پاڻ ۾ ٽڪربيون هيون ۽ ڪونه ڪو ماڻهو مرندو هو.

اها روئداد ڏسي روڊ هرروز اها ئي ڪلپنا ڪندي پاڻ کان پڇندو هو، ’مان وري ڪڏهن هن سادگيءَ جاءِ تي اڳئين جهوني سادگي پيپچري جو روپ وٺندس؟‘

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# وردي

سئنيما هال جي ٻاهران بلئڪ ڪنڊڙن جي هڪ ٽولي وڏن اڳهن سان ٽڪيٽون وڪڻي رهي هئي. شهر جي ٿئيٽر ۾ گهڻي عرصي کان پوءِ هڪ اهڙي فلم آئي هئي جنهن ۾ بلئڪ ڪنڊڙن کي موقعو ملي ويو هو. هرڪو شو هائوس فل وڃي رهيو هو. شهر ۾ جتي ڪٿي انهيءَ فلم جي ئي چرچا هلي رهي هئي.

پوليس! پوليس!!

اچانڪ بلئڪ ڪنڊڙ ٽوليءَ ۾ ڀڄ ڊڪ چالو ٿي ويئي. ڪانسٽيبل رام شرن پنهنجين ٻگهين مڇن کي تاءُ ڏنو. اڄ هوُ پنهنجي شريمتيءَ کي پڪچر ڏيکارڻ وٺي آيو هو. پنهنجي گهرواريءَ ڏانهن فخر سان نهاريندي هن چيو، ”ڏٺئہ اسان پوليس وارن جو ڏهڪاءُ! ڪيڏي پيئي چنتا ڪرين تہ ٽڪيٽون نہ ملنديون. اڙي ڀاڳوان! ٻاڻ کي تہ هنورديءَ جي ڪارڻ جيتريون بہ کپن اوتريون ٽڪيٽون ملي سگهنديون آهن. چئہ گهڻيون کپني ٽڪيٽون؟ هتي ترس تہ مان بلئڪ وارن کان مفت ۾ ٽڪيٽون ڇڏائي ٿو اچان.“

ائين چئي رام شرن اڳيان وڌيو. هن بلئڪ وارن کي ڳولهڻ لاءِ نظر هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙائي پر هڪ بہ بلئڪ وارو ڏسڻ ۾ نہ آيس. سڀ غائب ٿي ويا هئا.

ٽڪيٽون حاصل ڪرڻ بنا هو نراس ٿي موٽيو ۽ ڪنڌ جهڪائي گهرواريءَ جي پرسان آيو. ڀڻ ڀڻ ڪندي گهرواريءَ کي چوڻ لڳو، ”مون کي خبر ڪونہ هئي تہ منهنجي ورديءَ ئي اسان لاءِ نراسائيءَ جو ڪارڻ بڻبي!“

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# دلال

جهامن جو اسڪوٽر جهونو ٿي ويو هو. دوست هميشهہ ٽوڪيندا هئس تہ هوُ نئون اسڪوٽر ڇو نہ ٿو وٺي. هڪ ڏينهن خار ۾ اچي جهامن چئي ڏنو، ”توهان روز روز مون کي اسڪوٽر لاءِ ٽا چئو. پهرين هيءُ اسڪوٽر وڪڻائي ڏيو تہ پوءِ نئين اسڪوٽر لاءِ سوچيان.“

دوستن هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو. دل ۾ سوچيائون، ’ههڙو ڪٽارو اسڪوٽر هن کان ونندو ڪير؟‘ هڪ دوست هن جي دل رکڻ لاءِ چيو، ”هيءُ اسڪوٽر وڪڻائي ڏيانءِ تہ پوءِ تہ نئون اسڪوٽر وٺندين نہ؟“

”ها.“

”پڪو انجام؟“

”ها پڪو انجام.“

دوست چيس، ”هڪ دلال منهنجو سڃاڻل آهي. هوُ اسڪوٽرن ۽ موٽرن جي دلالي ڪندو آهي. سڀاڻي صبوح جو مون وٽ اچج تہ مان توکي هن وٽ وٺي هلندس.“

ٻئي ڏينهن هوُ ٻئي دلال وٽ آيا. دلال اسڪوٽر ڏنو ۽ ٻنهي کي چيائين، ”هيءُ اسڪوٽر وڪامبو ضرور پر پئسا گهٽ ملندا. هڪ گراهڪ منهنجي ڌيان ۾ آهي. هوُ جهونيون شيون وٺڻ پسند ڪندو آهي. ڪيس هينيون مٿيون ڏيئي توهان کي اسڪوٽر وڪڻائي ڏيندس. توهان شام جو پنجين بجي اسڪوٽر کڻي اچجو. مان گراهڪ کي بہ ان وقت گهرايان ٿو.“

شام جو جهامن اسڪوٽر کڻي دلال وٽ آيو. گراهڪ اڳہ ۾ ئي اُتي پهچي ويو هو.

دلال گراهڪ کي اسڪوٽر ڏيکاريو. اسڪوٽر جي هرهڪ پارٽ جي هوُ ساراهہ ڪندو پئي ويو، ”ڏس، هيءَ هن جي باڊي بلڪل لوهہ جي ۽ مضبوط. هن جي مشين ڏس. جيڪڏهن اها مشين ڪڍي بازار ۾ وڪڻجي تہ نئين اسڪوٽر جي اڌ قيمت جيترا پئسا تہ واهہ جا ملي وڃن. هيءُ ويلِ ڏس، اڄڪلهہ جي اسڪوٽرن کان ڪيڏا نہ مضبوط آهن! سنا بہ ڪيڏا ٽا لڳن! اهي خاص جرمنيءَ جا پيل آهن...“

دلال ائين گهڻي دير تان اسڪوٽر جي خوبين جي ساراهہ ڪندو رهيو. گراهڪ اسڪوٽر وٺڻ جو فيصلو ڪيو تنهن کان اڳہ جهامن دلال کي ٻانهن کان پڪڙي هڪ ڪنڊ ۾ وٺي ويو ۽ چوڻ لڳس، ”ڀائي صاحب، منهنجي هن اسڪوٽر ۾ ايڏيون خوبيون آهن تنهن جي تہ مون کي بہ خبر ڪانہ هئي. مون کي پنهنجو اسڪوٽر وڪڻڻو ڪونهي.“

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# مشاعرو

مشاعرو هلي رهيو آهي.

سنچالڪ واري وٽيءَ سان هڪ-هڪ ڪويءَ جو نالو پڪاريندو پيو وڃي، جنهن جو نالو پڪارجي ٿو، سو اسٽيج تي اچي پنهنجي ڪوتا پيش ڪري ٿو. ماڻهن کي مزو اچي رهيو آهي.

ائين سلسلو هلندو رهي ٿو.

هڪ ڪلاڪ.... ٻہ ڪلاڪ..... ٽي ڪلاڪ.... مشاعرو لنبو ٿيندو پيو وڃي. ڪوي آهن  جي ڪٽن ئي نٿا! لڳي ٿو سڄو هال ئي ڪوين سان ڀريو پيو آهي. هينئر ماڻهن اوٻاسيون ڏيڻ شروع ڪيون آهن.

هال ۾ موجود ماڻهو ڏيري ڏيري سمهڻ لڳا آهن.

تڏهن هڪ مشهور ڪويءَ جو نالو پڪارجي ٿو. سمهيل ماڻهو ٿورا سجاڳہ ٿين ٿا.

اهو ڪوي اِسٽيج تي اچي ٿو.

اسٽيج تي اچي هوُ اعلان ڪري ٿو، ”اڄ مان پنهنجي ڪوتا نہ پڙهندس.“

تاڙين جو زوردار ٺهڪو.

ماڻهو چون ٿا، ”واهہ، ڀائي واهہ، هن ڪويءَ تہ ڪمال ڪري ڏيکاريو!“

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# دوُت

شهر جو مشهور واپاري ڏرمداس مانا ڪائي مٿي چڙهيو هو، تڏهن بہ سنسار جي چيزن مان هن جو موهہ اصل نہ گهٽيو هو. ايشور سڀ ڪجهہ ڏنو هوس. هڪ امير ماڻهوءَ وٽ جيون جون جيڪي چيزون هئڻ گهرجن، سي سڀ هن وٽ بہ هيون. پر منجهس ديا، همدردي، پلمانسائي ۽ ٻين ڪيترن اِنساني گڻن جي ڪوتاهي هئي. بس ڏينهن رات پيسو ميڙڻ ئي هن جو ڌرم، ايمان هو.

هڪ ڏينهن روز جي نيم مطابق ڏرمداس رات جو يارهين بجي گهر آيو. هٿ منهن ڌوئي، ماني ڪائي پنهنجي ڪمري ۾ پهتو تڏهن ڪيس چاتيءَ ۾ اچي سوُر پيو. هوُ ڪا رڙ ڪري، تنهن کان اڳہ هن ڪنهن اجنبي چهري کي پنهنجي سامهون بيٺل ڏٺو. ان کان اڳہ هن ڪڏهن ڪيس ڪونہ ڏٺو هو. بلڪل ئي نرالي شڪل ۽ عجيب چهرو.

ڏرمداس رڙ ڪري پڇيو، ”تون ڪير آهين؟“

”مان يمراج جو دوُت آهيان. توکي وٺڻ آيو آهيان.“

”مون کي وٺڻ آيو آهين؟“ ڪيڏانهن؟“ ڏرمداس جون اکيون ڦاٽل هيون.

”جتي سڀ دنيا ويندي آهي. مان ئي تہ سڀني کي اُتي وٺي ويندو آهيان.“

”پر مان هلڻ لاءِ تيار نہ آهيان.“

”تنهنجي مرضيءَ سان ڪجهہ نہ ٿيندو. توکي هلڻو ئي پوندو.“

”پر بہ اَجا منهنجي عمر ئي ڪٿي ٿي آهي.“

”ايترو ننڍو بہ تہ نہ آهين.“ دوُت چيو، ”مان عمر جي حساب سان ڪنهن کي ڪونہ وٺي ويندو آهيان. ائين ڪريان تہ دنيا جو چرخو ئي ڊانوان ڊول ٿي وڃي.“

”پر مون کي تہ اَجا ڪجهہ وقت هتي رهڻو آهي.“

”ائين هرڪو چاهيندو آهي پر اها ڳالهہ ڪنهن جي وس جي نہ هوندي آهي.“

”مون کي اَجا ڪيترا ڪم ڪرڻا آهن.“

”اهي هينئر ٻيا ڪندا.“

”صفا ڪو ڪنڙوُس آهين.“

ڏرمداس جا اهي لفظ ٻڌي دوُت چرڪ پريو. هن نهہ پہ وراڻيو : لڳي ٿو، ايشور جي ناهيل هن سندر ويوستا ۾ تنهنجو وشواس ڪونهي. جيڪڏهن هرڪنهن ماڻهوءَ سان ائين بحث ۾ وقت

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

وڃائبو تہ اسان جو ڪاروبار ڪيئن هلندو. مان تنهنجي خراب واٽيءَ تي ڪاوڙ نہ ٿو ڪريان. ڪاوڙ ڪرڻ جي اسان کي منع آهي.``

ڌرمداس سوچ ۾ پئجي ويو. ڪجهہ دير بعد دوُت کي چيائين، ”چڱو، هڪ ڪم ڪر. مون کي صرف پنج منٽ ڏي.``

”پنج منٽ تہ تمام گهڻا آهن اسان کي هڪ منٽ ڏيڻ جي بہ اِجازت نہ آهي. خير، تڏهن بہ مان توکي پنج منٽ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. پر اِهو تہ ٻڌاءِ، تون پنجين منٽين ۾ ڪندين ڇا؟``

”اهو مان ڄاڻان.``

”ٺيڪ آهي. صرف پنج منٽ.`` ائين چئي دوُت پاسيرو ٿي بيٺو.

ڌرمداس بنا وقت وڃائڻ جي گهر جي ڀاتين جا نالا ڪٽي کين پڪارڻ شروع ڪيو. پر هنن جي ڳلي مان آواز نہ نڪتو، فقط چپ چرندا رهيا. ائين هوُ ڪيتري دير ڇلائيندو رهيو.

پنج منٽ پورا ٿيڻ تي دوُت چيس، ”هينئر هلون.``

ڌرمداس ڏٺو تہ هينئر هن جي وات مان لفظ نڪري رهيا هئا پر وقت پورو ٿي چڪو هو.

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# تهذيب

وديش مان تي اچڻ کانپوءِ هن پنهنجو رنگ روپ ئي ڦيرائي ڇڏيو هو. هن جو ڏيکاءُ، هن جي پوشاڪ، من جون ڳالهيون- سڀ ڪجهه وديش رنگ سان رنگيل هو.

جتي وڃي اُتي 'وديش ۾ تہ ائين ڪونهي.' چئي پنهنجي ڄاڻ جو رعب ڏيکارڻ هن لاءِ روز جي ڳالهہ بڻجي پيئي هئي.

هڪ ڏينهن هڪ دوست جي پارٽيءَ ۾ ويو. اُتي ڪنهن دوست پڇيس، ''يار، ڪر خبر.... وديش ۾ ڪيئن پيو هلي؟''

ان جي جواب ۾ هن حد ڪري ڇڏي.

هرهڪ ڳالهہ ۾ وديش جي ڪلچر ۽ تهذيب جون سرڪيون تي پريائين. اُتان جي قاعدن قانونن تي پنهنجي راءِ ڏيندي ٻڌايو تہ مجال آهي جو ڪوئي قاعدو ٽوڙي. قاعدا اهڙا تہ سخت آهن جو ان جي پڇڪڙي ڪندڙ تي بروقت ئي ڏنڊ وڌو ويندو آهي يا سزا ڏني ويندي آهي.

اُتان جي ماڻهن ۾ بہ فرض شناسيءَ جي ڀاونا بہ خاص ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ان ڪري عام طور ڪوبہ ماڻهو رستي تي گند ڪچرو ڦٽو نہ ڪندو آهي. هرڪو صفائيءَ جو خاص ڌيان رکندو آهي وغيره وغيره.

ائين هوُ وديش جي قاعدن- نيمن جي ساراهہ ۾ ئي نہ پئي ڍاپيو.

وديش جي ساراهہ جون ڳالهيون ٻڌي سيني دوستن تي وديشي رنگ پوريءَ طرح چڙهڻ لڳو هو. تڏهن هن پنهنجي ديش جي باري ۾، عام ماڻهن جي باري ۾، نيمن ۽ ٻين ڳالهين جي باري ۾ گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪيو. ديش سان پريم رکندڙ ڪن دوستن کي اها ڳالهہ ڪين وڻي پر هوُ ڪُڇيا ڪين.

پارٽي پوري ٿي. هن ميزبان دوست کان موڪلايو. ٻہ ٽي دوست گڏجي ڏاڪڻ تان هيٺ لهي رهيا هئا تڏهن هن پنهنجي کيسي ۾ رکيل پان ڪڍي وات ۾ وڌو ۽ چٻاڙڻ لڳو.

پوئين ڏاڪي تي هئا تڏهن هن وات جي پچڪاري ديوار تي ڦٽي ڪئي.

هڪ دوست بروقت پڇيس، ''ڇا وديش ۾ بہ ائين.....؟''

هوُ ڪڪو وڪو ٿي ويو.

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# وئتال ڪتا

وڪرمادتيہ هٺ نہ ڇڏيو. هوُ وري موٽي آيو ۽ وڻ تي لٽڪيل وئتال کي هيٺ لاهي، پنهنجي ڪلهي تي کڻي شمشان ڏانهن هلڻ لڳو. تڏهن وئتال ڇوڻ شروع ڪيو، ”هي راجن، توکي ٿڪاوٽ نہ ٿئي تنهن لاءِ مان هڪ ڪٿا ٿو ٻڌايان. ڌيان ڏيئي ٻڌج.“

هن هيٺين آکاڻي ٻڌائي :

هڪ ديش هو. ان جو راجا هميشهہ پنهنجي موُج مستيءَ ۾ رهندو هو. هن کي هميشهہ اها ڇورا ڪورا لڳل رهندي هئي تہ ڪيئن پنهنجي تجوڙيءَ کي وڌيڪ ۾ وڌيڪ ڀريان. ان لاءِ هوُ اهڙا ئي ڪم ڪندو رهندو هو، جن ذريعي هن جي تجوڙيءَ ۾ ڌن جي آمد ٿيندي رهي. هوُ جڏهن کان راجا بڻيو هو تڏهن کان عام پرجا سان سنڌس سمپرڪ ٽٽي ويو هو. ڪنهن بہ عام ماڻهوءَ کي راجا سان ملڻ هوندو هو تہ مشڪل سان ان جي ملاقات ٿي سگهندي هئي ۽ جيڪڏهن ملاقات ٿيندي بہ هئي تہ هوُ راجا تائين پنهنجي ڳالهہ مشڪل سان پهچائي سگهندو هو ۽ جيڪڏهن هوُ پنهنجي ڳالهہ راجا تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب بہ ويندو هو تہ ان کي نياءُ ملڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ويندو هو ۽ جيڪڏهن هوُ ڪنهن طرح نياءُ حاصل بہ ڪري سگهندو هو تہ ان لاءِ هن کي چڱي قيمت چڪائڻ پوندي هئي. عام پرجا ۾ انهيءَ ڪري راجا لاءِ ناراضپو هو.

تخت تي ويٺل راجا کي هڪ ڏينهن ياد آيو تہ هن جو مدو تہ پورو ٿيڻ تي آهي. ان ديش ۾ اهو رواج هو تہ هر پنجين سال راجا جي چونڊ ٿيندي هئي. راجا بڻجڻ جي خواهش رکندڙ ڪوبہ ماڻهو چونڊ ۾ بيهي سگهندو هو. عام ماڻهو جنهن کي گهڻائيءَ سان پسند ڪندا هئا، تنهن کي راجا بڻايو ويندو هو.

راجا تخت تان ٽپ ڏيئي اُٿيو. پنهنجن سيوڪن کي آديش ڏنائين، ”لوڪ سمپرڪ جي تياري ڪريو.“

سيوڪن تياري ڪئي تہ راجا پرجا سان ملڻ نڪتو. اڳيان راجا، پٺيان سيوڪ. سيني کي هٿ جوڙي وينتي ٿي ڪيائون تہ هن دفعي بہ ساڳئي راجا کي تخت تي ويهاريو وڃي.

راجا ۽ سنڌس سيوڪ هڪ ڳوٺ ۾ آيا. هڪ جهوپڙيءَ جو در کڙڪايائون. هڪ ٻڍو ٻاهر نڪتو.

راجا پڇيو، ”سچاڻين تو؟“

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ٻڍي ذهن تي ڪافي زور ڏنو ۽ اکين تي لڳا، ٿلهن ڪانچن واري عينڪ سان ڪيس گهوُري ڏنو. هوُ راجا کي سڃاڻي نہ سگهيو.

راجا چيو، ”مان.... توهان جو سيوڪ، توهان جو داس.“

سيوڪن مان هڪ چيو، ”ڪاڪا، هن کي نہ ٿو سڃاڻين؟ هيءُ اسان جي ديش جو راجا.....“

هينئر ٻڍي جو آواز نڪتو. اَڇا تہ هيءُ آهي اسان جو راجا! اَبا، پاڻ هن کي ڪٿان سڃاڻون. پنجن سالن کان پوءِ تہ هن کي ڏسون ٿا.“

راجا چيو، ”ها.... پنج سال ڪيترن ڪمن ۾ ايترو تہ مشغول رهيس جو توهان سان ملڻ جو وقت ئي نہ مليو.“

”گذريل پنجن سالن ۾ اسان جي اسٽتي سڌري ناهي، اسان جي ڳوٺ جي اسٽتي بہ سڌري ناهي....“

راجا هٿ جوڙي چيو، ”توهان چنتا نہ ڪريو. هن دفعي توهان  جون سڀ چنتائون دور ڪبيون.“

”ائين تہ پنج سال اڳ ۾ بہ توهان چئي ويا هئا مهاراج!“

”هن دفعي ائين نہ ٿيندو.“ ائين چئي راجا مرڪيو. ”ٺيڪ آهي نہ؟ هن دفعي وري راجا بڻيس تہ پهرين تو وٽ ايندس.“

ٻڍو شانت ٻيٺو رهيو ۽ راجا کي يڪ ٽڪ ڏسندو رهيو.

اِها ڪٿا ٻڌائي وئتال پڇيو، ”راجن، ٻڌاءِ تہ راجا ائين ڇو ڪيو؟ هوُ پنج سال پرجا کان پري ڇو رهيو؟ هن ٻڍي جو ۽ سندس ڳوٺ جو ڪم ڇو نہ ڪيو؟ ان کان پوءِ هن اهي ڪم ڪرڻ جو واعدو ڇو ڪيو؟ راجن، جيڪڏهن تو منهنجن هنن سوالن جا جواب نہ ڏنا تہ تنهنجو سرير ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندو.“

وڪرمادتيہ ڌيرج سان جواب ڏنو، ”توهان جنهن ديش جي ڪٿا ٻڌائي آهي تنهن ۾ سالن کان ائين ٿيندو رهيو آهي. توهان جي انهن سوالن جو جواب صرف مان نہ، هرڪو ڄاڻي ٿو. پر ڪوبہ ڪجهہ نہ ٿو ڪري سگهي. اها لوڪشاهيءَ  جي ٻلهاري آهي.“

وڪرمادتيہ جو مؤن ٽٽندي ئي وئتال وري اُڏامي وڃي وڻ تي وينو.

•

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# هڪ فقير سان وارتالاپ

ديارام جو نيم هو روز صبح جو مندر ۾ وڃڻ جو. هوُ اُتي ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان مٿو ٽيڪي، مندر جي ٻاهران ويٺل فقيرن کي دان ڏيئي، پوءِ وڃي روز جي ڪرت کي لڳندو هو.

اڄ بہ ديارام مٿو ٽيڪي مندر کان ٻاهر آيو تہ هڪ نئون فقير ڏسي هوُ ٿورو اٽڪيو. ان فقير اڳيان هن هڪ رپيو اُڇلايو ۽ اڳيان وڌيو. تڏهن فقير پنيان رڙ ڪري چيس، ”سينجي، ائين ڦٽي ڪيل پئسا مان نہ کڻندو آهيان. جيڪڏهن دان ڏيڻو اٿوَ تہ چڱيءَ طرح ڏيو.“

ديارام کي فقير جو ائين ڳالهائڻ اصل نہ وڻيو. هوُ واپس فقير جي پرسان آيو. اکيون شوخ ڪري هن فقير کي روڪڙي ٻڌائي، ”فقير آهين.... ڪو لاٽ ڪونہ آهين. ڳالهائڻ جي تميز بہ ڪونہ ٿو رکين. ائين ڳالهائيندو آهين سيٺي سان؟“

فقير بہ جواب ڏيڻ ۾ دير نہ ڪئي، ”سينجي، ائين اکيون نہ ڏيکاريو. توهان جهڙا سيٺ مون گهڻا ڏنا آهن.“

ديارام سوچڻ لڳو، هن فقير تہ تي ڪنهن ڳالهہ جو اثر ئي نہ ٿو ٿئي. تڏهن بہ هن همٿ ڪٺي ڪئي ۽ فقير کي چيو، ”توکي هتي ڪنهن ويهاريو آهي؟“

پورا ويهہ هزار ڏيئي هيءَ جڳهہ ورتي اٿم.“

”ويهہ هزار؟ ڪنهن کي ڏنئہ ويهہ هزار؟“

”هتي جيڪو فقير اڳ ۾ ويهندو هو، تنهن کي.“

”ان کي تو ويهہ هزار ڏنا؟“

”ها، تڏهن ئي تہ مون کي هيءَ جڳهہ ملي آهي.“

”ڇا لاءِ؟“

”ٻڌو اٿم تہ هتي آمدني سٺي ٿيندي آهي.“

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

”تو اهي پئسا ڪٿان آندا؟“

ديارام جو سوال ٻڌي فقير ٿهڪ ڏنو. توهان ڏاڍا سادا ٿا لڳو. اڄڪلهه جا فقير فقير نه رهيا آهن. مون وانگر گهڻن وٽ سنو پئسو آهي.“

”سنو پئسو آهي؟ تو وٽ به آهي؟“

”تڏهن ويهه هزار ڪيئن ڏيئي سگهيو هوندس؟“

”تو وٽ سچ پچ ويهه هزار آهن؟“

”صرف ويهن هزار تي عجب ٿا ڪائو؟ سيٺجي، مون وٽ ان ڪان به وڏيڪ موڙي آهي، هڪ ٻن هنڌ وياج تي به پئسا ڦرندا آهن.“

”ته پوءِ اهو پنڻ جو ڌنڌو بند ڇو نه ٿو ڪرين؟“

”سيٺجي! اڄڪلهه ڪير نه ٿو پني؟ اليڪشن جي وقت نيتا هٿ جوڙي ووٽ نه پنندا آهن؟ اسڪولن جا سنچالڪ ڊونيشن جي روپ ۾ مائٽن ڪان پئسا نه پنندا آهن؟ ڇوڪرن جا ماءُ پيءُ ڇوڪرين جي مائٽن ڪان ڏيتي ليتيءَ جي نالي تي ناڻو نه پنندا آهن؟ ته ڇا اهي سڀ غريب هوندا آهن؟

فقير اڃا به وڏيڪ ڪجهه ڇوي تنهن ڪان اڳه سيٺ پويان پير ڪرڻ ۾ ئي پنهنجي ڀلائي سمجهي.

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# ڪانڌيئڙو

ٻہ دوست پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا.

”اسان جي آفيس ۾ ساوڪ ئي ساوڪ آهي. اسٽاف ۾ ڪافي استريون آهن جن کي ڏسي اکيون ٺڏيون ٺينديون آهن ۽ ڪم ڪرڻ ۾ مزو ايندو آهي. وقت بہ سٺي نموني پاس ٿي ويندو آهي.“

”ان خيال کان تون خوش نصيب آهين.“

”ڇو، تنهنجي آفيس ۾ اهڙو ڪجهہ نہ آهي ڇا؟“

”اسان جي آفيس ۾ اهڙو سڪہ نہ آهي. آفيس ۾ صرف هڪ ئي ڇوڪري ڪم ڪندي آهي سا بہ ڪاري ۽ اٺوٽنڊڙ.“

”تہ پوءِ توسان مون کي همدردي آهي.“

”نہ نہ، همدردي ڇا جي؟ اها ڳالهہ ضرور آهي تہ شروع شروع ۾ اها ڇوڪري مون کي بلڪل نہ وڻندي هئي پر روز روز ان کي ڏسندي ڏسندي، اها بہ مون کي وڻڻ لڳي آهي.“

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# چرتر

هڪ سرڪاري سنستا ۾ وقت بہ وقت جدا جدا وشين جي ماهرن جا ليڪچر رکيا ويندا هئا. هڪ دفعي پرسان واري شهر جي هڪ ودوان کي ليڪچر لاءِ گهرايو ويو. ودوان کي اسٽيج تي وهاري، ان جو ڦول مالهائن سان سواگت ڪيو ويو.

ان وقت اناؤنسر اعلان ڪيو، ”هينئر اسين ودوان کي ٻڌنداسين، توهان کي ٻڌايان تہ هن ودوان جي تقريرن اسان جي سماج تي گهرو اثر ڪيو آهي. هن صاحب جو اُٿڻ-وهڻ، هن جا اعليٰ ويچار اسان لاءِ هڪ روشن منار سمان آهن. اڄ جو وشيہ آهي ’اسان جو چرتر‘ هينئر ان وشيہ تي هيءُ صاحب پنهنجا عالماڻا ويچار پيش ڪندو.“

ودوان اُٿيو. کنگهڪار ڪري هن پنهنجو ليڪچر شروع ڪيو. وشيہ جي تهہ ۾ وڃي هن، مثالن سميت اهڙيون اهڙيون ڳالهيون ٻڌايو جو ٻڌندڙن جون اکيون کلي ويون.

ائين اڌ ڪلاڪ کن ودوان جو ليڪچر هليو. پوءِ چانهہ پاڻيءَ جو دؤر هليو.

سنستا جي مکيہ بانيڪار اڪائونٽس ڪلارڪ کي چيو، ”ودوان صاحب کي پيمينٽ ڪريو.“

ڪلارڪ ودوان کي عرض ڪيو، ”سر، ان لاءِ هڪ فارم ڀرڻو پوندو. ذرا منهنجي ڪئبن ۾ هلو تہ فارم ڀريون.“

ودوار ڪلارڪ سان گڏ آيو.

ڪلارڪ چيو، ”سر، هيءُ ياڙي ڀتي جو فارم آهي. فارم مان ٿو ڀريان. توهان تفصيل لکائيندا وڃو. پهرين ٻڌايو تہ توهان پنهنجي گهر کان هيستائين ڪيتري مسافري ڪئي؟“

”ڇٽيهہ ڪلوميٽر.“

”ٽرين ۾ آيا يا ڪار ۾؟“

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ودوان چيو، ”ڪار ۾.“

”پنهنجي ڪار يا ڀاڙي جي؟“

”پنهنجي.“

”ڊيزل جي يا پيٽرول جي؟“

اتي ودوان چڙڪ پريو. ”ڇا مطلب؟“

”سر، اهو ٻڌايو تہ توهان جي ڪار ڊيزل تي هلندڙ آهي يا پيٽرول تي؟“

”ڪار تہ ڊيزل واري آهي پر تون اهو سڀ ڇو ٿو پڇين؟“

”اهو ان ڪري جو ان مطابق توهان کي ڀاڙو ملندو.“

”ڊيزل جي ۽ پيٽرول جي ڪار جو ڀاڙو الڳ الڳ آهي ڇا؟“

”ها سر جيڪڏهن توهان پيٽرول جي ڪار ۾ آيا هوندا تہ توهان کي في ڪلوميٽر پنج رپيا ڏيئي سگهبا.“

”۽ جي ڊيزل جي ڪار ۾ آيو هجان تہ؟“

”تہ پوءِ فقط ٻہ رپيا في ڪلوميٽر ڏيئي سگهبا.“

”اَڇا؟ تہ پوءِ هيئن ڪر. پيٽرول جي ڪار ئي لکي ڇڏ. ڪير ٿو ڏسي؟“

•

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# پاڳل

روز جيان اهو شخص پنهنجيءَ مستيءَ ۾ رستي تان وڃي رهيو هو. ان وقت هڪ نوجوان چانهه جي پڙيءَ وٽ ويهي چانهه  جون چسڪيون پرڻ ۾ محوُ هو. اچانڪ ان شخص تي نظر پوڻ سان هن جون واڇون ٽڙڻ لڳيون. جهٽ ۾ چانهه جو ڪوپ خالي ڪري هوُ ان شخص جي پٺيان ڊوڙيو.

”او چريا.... او پاڳل....“ ائين چئي نوجوان هي هي ڪري ان شخص جي پٺيان پٺيان هلڻ لڳو ۽ ڪيس تنگ ڪندو رهيو.

ان شخص رستي تان هڪ پٿر کنيو ۽ نوجوان طرف ڦٽو ڪيو. ائين هڪ ڪان پوءِ ٻيو ۽ ٻئي ڪان پوءِ ٽيون.... پٿر اُڇليندو رهيو. هڪ ٻه پٿر ڪيسي ۾ به پريائين. ان شخص کي ائين پريشان ٿيندو ڏسي نوجوان کي آنند اچڻ لڳو.

ائين ڪيتري دير هلندو رهيو.

چانهه جي پڙيءَ وٽ ويهي ٻيا به سڄڻ چانهه پيئندي اهو سڄو لقاءُ ڏسي رهيا هئا.

هڪ سڄڻ ٻئي کي اِشارو ڪيو، ”ڏسين ٿو نه؟“

ٻئي چيو، ”ها.... ڪو پاڳل ٿو ڏسجي.“

پهرئين چيو، ”ها، شايد پاڳل ئي آهي.“

ٻئي پڇيو، ”پر ڪير؟ اهو اڳيان وارو؟ يا ان جي پٺيان وارو؟“

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# پاسڻ

استري پرش سمانتا تي زور ڏيندي شريمتي سيما ديوي پنهنجي ڀاسڻ ۾ چئي رهي هئي، ”ڀينرون! ورهين کان استرين تي اتياچار ٿيندو رهيو آهي. پرشن جي ٺهيل هن سماج ۾ استريءَ جي آواز کي گهٽيو وڃي ٿو. مان پڇان ٿي ڇو؟ عورت جي ڪنهن ڳالهه ۾ پرش کان ڪمزور ڪانهي. هوءَ ڇا نٿي ڪري سگهي؟ افسور جي ڳالهه آهي جو پرش سندس شڪتيءَ کي نٿو سڃاڻي. اڄ پرش ڪيس پنهنجي اڏين رکي ٿو پر هينئر ائين ٿيڻ نه ڏيو. ان لاءِ مان ڀينرن کي خاص وينتي ڪرڻ چاهيان ٿي ته توهان همٿ رکي اڳتي اچو ۽ پرشن کي پنهنجي شڪتي ڏيکاريو.

زوردار تاڙين سان اُتي حاضر رهيل سڀني استرين سيما ديويءَ جي تقرير جو سواگت ڪيو.

ان وقت سيما ديويءَ پنهنجي واچ ۾ وقت ڏٺو، ”اڙي! ايتري دير ٿي ويئي!“ سيما ديويءَ پروگرام جي آرگنائيزر مسٽر مهتا کي وينتي ڪندي چيو، رستي تي گهٽي اونده ٿي چڪي هوندي. اونده ۾ منهنجي همٿ کي الائي ڇا ٿي ويندو آهي. مهرباني ڪري مونکي گهر تائين ڇڏي ايندا؟“

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# اهو ماڻهو

ڪيترن سالن کان هوُ ان ماڻهوءَ کي ڏسي رهيو هو. ان ماڻهوءَ جي شڪل اهڙي ته خوبصورت هئي جو هوُ ان کي ڏسندو ئي رهڻ چاهيندو هو. پر اهو ماڻهو هرروز هڪ جهلڪ ڏيکاري غائب ٿي ويندو هو. هن کي خبر نه هئي ته اهو ماڻهو آخر آهي ڪير؟ سندس سڃاڻپ ڪهڙي آهي؟ اهو ڪيس ايترو خوبصورت ڇو ٿو لڳي؟''

هن ان ماڻهوءَ جي سڃاڻپ هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪيس اها ملي ويئي. هن کي ڌڪو رسيو جڏهن هن ڏٺو ته ان ماڻهوءَ جي شڪل جيتري وڻندڙ هئي، اوترا سندس ڪم وڻندڙ نه هئا. ان ماڻهوءَ گهڻن سان دوکيبازي ڪئي هئي. سوارٿ لاءِ ٻين جو حق ڪسيو هو. رشوت ڏيئي پنهنجا ڪم ڪرايا هئا. اهڙا گهڻائي ڪوڙا ڪم ان ماڻهوءَ ڪيا هئا.

ان ماڻهوءَ جي باري ۾ اهي سڀ ڳالهيون ڄاڻي هوُ سوچڻ لڳو، 'هن يگ جا ملهه ڪيترا بدلجي چڪا آهن، اِنسان پنهنجي مطلب ۽ سوارٿ لاءِ ڇا ڇا نه ٿو ڪري....'

هڪ ڏينهن اهو ماڻهو سندس ئي پر مان لنگهي رهيو هو. هن وجهه وٺي ان ماڻهوءَ جو هٿ پڪڙيو.

''منهنجو هٿ ڇڏ. ڪير آهين تون؟'' ان ماڻهوءَ ڪهرائيءَ سان پڇيو.

''مان ڪوئي به هجان. تنهن سان تنهنجو ڪو مطلب نه آهي.''

''عجيب ماڻهو آهين! منهنجو هٿ ڇو پڪڙيو اٿيئي؟''

''ڪيترو خوبصورت چهرو ڪٽي پيو گهمين، جيڪڏهن ڪم به اهڙا ڪرين ته؟''

اهو ماڻهو پريشان. ڪيس سمجهه ۾ نه آيو ته هوُ ڇا چوي.

''اڙي ڊونگي! پنهنجو نقلي چهرو لاهي اصلي چهرو ڇو نه ٿو ڏيکارين؟''

هن جي ڳالهه ٻڌي ان ماڻهوءَ زور زور سان ٺهڪ ڏيڻ شروع ڪيا. جڏهن ٺهڪ ڏيئي ٿڪو تڏهن هن ڌيرج سان چيو، ''دوست ڊونگي مان نه، تون آهين،. تون، ها تون. مان تنهنجو ئي ته عڪس آهيان.''

●

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.